## رڪوع 5

**قرآن پڙهڻ، نماز ۽ خدا جي يادگيري. بحثن کان بچو. قرآن مجيد خود اعليٰ ترين معجزو آهي.**

اُتْلُ مَآ اُوْحِیَ اِلَیْكَ مِنَ الْكِتٰبِ وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ ؕ اِنَّ الصَّلٰوةَ تَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَآءِ وَ الْمُنْكَرِ ؕ وَ لَذِكْرُ اللّٰهِ اَكْبَرُ ؕ وَاللّٰهُ یَعْلَمُ مَا تَصْنَعُوْنَ ﴿۴۵﴾

(٤٥) (اي پيغمبر!) هيءُ ڪتاب جو توڏي وحي جي رستي موڪليو ويو آهي، سو پڙهه (۽ ٻين کي بہ پڙهي ٻڌاءِ) ۽ نماز قائم ڪر، (پاڻ بہ نماز جو پابند ٿي ۽ ٻين مسلمانن کي بہ جماعت سان نماز پڙهڻ جو حڪم ڪر) يقيناً نماز بي شرميءَ جي ڪمن کان ۽ ٻين برن ۽ بي انصافيءَ جي ڪمن کان روڪي ٿي، ۽ الله تعاليٰ جي يادگيري (هر وقت رکڻ ۽ سندس حڪمن تي هر حال ۾ هلڻ) سڀ کان وڏي ڳالهه آهي. ۽ ياد رکو تہ جيڪي جيڪي توهان ڪيو ٿا سو سڀ الله تعاليٰ کي معلوم آهي.

وَلَا تُجَادِلُوْٓا اَهْلَ الْكِتٰبِ اِلَّا بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ ۖ اِلَّا الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا مِنْهُمْ وَ قُوْلُوْٓا اٰمَنَّا بِالَّذِیْٓ اُنْزِلَ اِلَیْنَا وَ اُنْزِلَ اِلَیْكُمْ وَ اِلٰهُنَا وَ اِلٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَّ نَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿۴۶﴾

(٤٦) ۽ (اي مسلمانو) ڪتاب وارن سان بحث مباحثو نہ ڪيو، پر (هنن کي سمجهائڻ لاءِ) اهڙو طريقو وٺو جو نهايت عمدو، سهٺو (۽ دل ڇڪيندڙ) هجي، پر جيڪڏهن انهن مان ڪي ظلم ڪندڙ (يعني ٻين کي ناحق ايذائيندا هجن تہ پوءِ انهن کي باز آڻڻ لاءِ بيشڪ مناسب اپاءَ وٺو) ۽ (ڪتاب وارن کي) چئو تہ اسان انهيءَ (قرآن) تي بہ ايمان آندو آهي جيڪي اوهان تي نازل ٿيو آهي ۽ انهن (ڪتابن) تي بہ ايمان آندو آهي جو اسان تي نازل ٿيا آهن. ۽ (اسان جو پڪو ايمان اهي تہ) اسان جو معبود ۽ اوهان جو معبود ساڳيو ئي هڪ الله آهي. ۽ اسان سندس ئي فرمانبردار ٻانها آهيون. (اوهان بہ سندس فرمانبرداري ٻانها ٿي رهو.).

وَ كَذٰلِكَ اَنْزَلْنَآ اِلَیْكَ الْكِتٰبَ ؕ فَالَّذِیْنَ اٰتَیْنٰهُمُ الْكِتٰبَ یُؤْمِنُوْنَ بِهٖ ۚ وَمِنْ هٰٓؤُلَآءِ مَنْ یُّؤْمِنُ بِهٖ ؕ وَمَا یَجْحَدُ بِاٰیٰتِنَآ اِلَّا الْكٰفِرُوْنَ ﴿۴۷﴾

(٤٧) ۽ (اي پيغمبر!) اسان توڏي اهڙيءَ طرح ڪتاب موڪليو آهي (جهڙيءَ طرح اهل ڪتاب ڏي موڪليو هيسين) پوءِ جن (اهل ڪتاب) کي اسان ڪتاب ڏنو سي هن (قرآن) ۾ بي ايمان آڻين ٿا، ۽ فقط اهي ئي اسان جي آيتن ۽ حڪمن کان انڪار ڪري رهيا آهن، جن (خودغرضي، تڪبر، ضد ۽ دشمني سببان ڄاڻي ٻجهي) ڪفر جي واٽ ورتي آهي.

وَمَا كُنْتَ تَتْلُوْا مِنْ قَبْلِهٖ مِنْ كِتٰبٍ وَّلَا تَخُطُّهٗ بِیَمِیْنِكَ اِذًا لَّارْتَابَ الْمُبْطِلُوْنَ ﴿۴۸﴾

(٤٨) ۽ هن (قرآن جي نازل ٿيڻ) کان اڳي نڪي تون پاڻ ڪو بہ ڪتاب پڙهندو هئين، نڪي پنهنجي سڄي هٿ سان ان کي لکي ٿو سگهين. جيڪڏهن ائين هجي ها (يعني تون لکي پڙهي ڄاڻين ها يا شاعر هجين ها يا تقريرون ڪندڙ هجين ها) تہ پوءِ اهي بڪواس ڪندڙ (ڪافر) شڪ آڻين ها (تہ تون پاڻ ٿو قرآن ٺاهين.)

بَلْ هُوَ اٰیٰتٌۢ بَیِّنٰتٌ فِیْ صُدُوْرِ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ ؕ وَمَا یَجْحَدُ بِاٰیٰتِنَآ اِلَّا الظّٰلِمُوْنَ ﴿۴۹﴾

(٤٩) بلڪ حقيقت هيءَ آهي تہ جن ماڻهن کي علم (۽ سمجهہ) ڏني ويئي آهي تن جي دلين کي اهي چٽيون ۽ روشن آيتون (قرآن مجيد جون الله

جي طرفان آيل) ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. ۽ اسان جي (چٽين) آيتن کان فقط انهن کي انڪار آهي، جيڪي ظلم تي سندرو ٻڌي بيٺا آهن.

وَقَالُوْا لَوْلَآ اُنْزِلَ عَلَيْهِ اٰيٰتٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قُلْ اِنَّمَا الْاٰيٰتُ عِنْدَ اللّٰهِ ؕ وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۵۰﴾

(٥٠) اهي (منڪر) چون ٿا ته، حضرت جن تي سندس پروردگار طرفان اهڙا معجزا ڇو نٿا نازل ٿين (جهڙا حضرت موسيٰ کي مليا هئا) اي پيغمبر! تون کين) چئو ته، معجزا الله تعاليٰ جي هٿ ۾ آهن (۽ هو مون تي معجزا نازل ڪري سگهي ٿو، پر هو پنهنجي حڪمت پاڻ ٿو ڄاڻي) مان ته فقط چٽوئي چٽو خبردار ڪندڙ آهيان.

اَوَلَمْ يَكْفِهِمْ اَنَّآ اَنْزَلْنَا عَلَيْكَ الْكِتٰبَ يُتْلٰى عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَرَحْمَةً وَّذِكْرٰى لِقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۱﴾

(٥١) هنن ماڻهن لاءِ هيءَ ڳالهه ڪافي ناهي ڇا ته اسان تو تي ڪتاب (قرآن مجيد) نازل ڪيو آهي جو کين پڙهي ٻڌايو وڃي ٿو. (کين گهرجي ته ان جي تعليم تي غور ۽ فڪر ڪن ۽ ڄاڻن ته) بيشڪ جن ماڻهن ۾ ايمان آهي تن لاءِ هيءُ قرآن سچ پچ وڏي رحمت آهي ۽ (اعليٰ درجي جي) نصيحت آهي.

### رڪوع 6

### قرآن مجيد جي سچائي متعلق ٻيا دليل، مسلمانن کي سندن هيٺائي جي وقت ۾ هدايتون

قُلْ كَفٰى بِاللّٰهِ بَيْنِىْ وَبَيْنَكُمْ شَهِيْدًا ۚ يَعْلَمُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِالْبَاطِلِ وَكَفَرُوْا بِاللّٰهِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿۵۲﴾

(٥٢) (اي منهنجا پيغمبر تون ڪافرن کي) چئي ڏي ته منهنجي ۽ اوهان جي وچ ۾ الله تعاليٰ جي شاهدي ڪافي آهي (۽ توهان پاڻ ڏسندؤ ته هو حق کي غالب ڪندو ۽ باطل کي فنا ڪندو) جيڪي به آسمان ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ هو چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو ۽ جيڪي به ماڻهو باطل ۾ ايمان رکن ٿا (يعني الله تعاليٰ جي چڱن حڪمن کي ڇڏي ٻين جي نقصانڪار هدايتن تي عمل ڪن ٿا) ۽ الله (جا حڪم) نٿا مڃين سي ضرور نقصان هيٺ ايندا.

وَيَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَلَوْلَآ اَجَلٌ مُّسَمًّى لَّجَآءَهُمُ الْعَذَابُ ؕ وَلَيَاْتِيَنَّهُمْ بَغْتَةً وَّهُمْ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿۵۳﴾

(٥٣) ۽ اهي (منڪر) توسان تڪڙ لائي ٿا ڏين ته آڻ اسان تي عذاب ۽ جلد آڻ (ته سمجهون ته تون سچو آهي، تون کين ٻڌاءِ ته (جيڪڏهن ان لاءِ وقت مقرر ڪيل نه هجي ها ته بيشڪ انهن ماڻهن تي (سندن ظلمن سبب هڪدم) عذاب اچي وڃي ها (پر الله تعاليٰ پنهنجي رحمت سببان کين مهلت ٿو ڏئي ته من هدايت تي اچن. جيڪڏهن سڌيءَ وات تي نه ايندا ته پوءِ) هنن تي اهو عذاب اهڙو ته اوچتو اچي ويندو جو کين پتو ئي ڪونه پوندو.

يَسْتَعْجِلُوْنَكَ بِالْعَذَابِ ؕ وَاِنَّ جَهَنَّمَ لَمُحِيْطَةٌۢ بِالْكٰفِرِيْنَ ﴿۵۴﴾

(٥٤) هنن منڪرن عذاب جي اچڻ لاءِ تڪڙ مچائي ڏني آهي (هو سمجهن ٿا ته عذاب ايندو ئي ڪونه پر) يقيناً جهنم جو عذاب ڪافرن کي هر طرف کان وڪوڙي ويندو.

يَوْمَ يَغْشٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ فَوْقِهِمْ وَمِنْ تَحْتِ اَرْجُلِهِمْ وَيَقُوْلُ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝٥٥

(٥٥) انهيءَ ڏينهن عذاب سندن مٿان اچي توڙي سندن پيرن هيٺان نڪري، ڪين ڍڪي ڇڏيندو ۽ ڪين چيو ويندو تہ، توهان جيڪي (بڇڙا) عمل ڪندا رهندا هيؤ تن (جي بدلي ۾ عذاب) جو ذائقو وٺو.

يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّ اَرْضِيْ وَاسِعَةٌ فَاِيَّايَ فَاعْبُدُوْنِ ۝٥٦

(٥٦) اي منهنجا مسلمان بندؤ! يقين ڄاڻو تہ منهنجي زمين ڪشادي آهي سو (جيڪڏهن هتي مڪي ۾ منهنجي حڪمن جي تعميل پوريءَ طرح ڪري نٿا سگهو تہ ٻئي اهڙي ملڪ ۾ وڃو جتي پوريءَ طرح تعميل ڪري سگهو ۽) فقط منهنجي ٻانهپ ڪيو.

كُلُّ نَفْسٍ ذَآىِٕقَةُ الْمَوْتِ ثُمَّ اِلَيْنَا تُرْجَعُوْنَ ۝٥٧

(٥٧) (۽ ياد رکو تہ) هرهڪ نفس کي ضرور موت جو ذائقو چکڻو آهي. پوءِ (آخر) اوهان کي اسان ڏي ئي موٽي اچڻو آهي. (۽ حساب ڪتاب ڏيڻو آهي).

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَنُبَوِّئَنَّهُمْ مِّنَ الْجَنَّةِ غُرَفًا تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا نِعْمَ اَجْرُ الْعٰمِلِيْنَ ۝٥٨

(٥٨) مگر اهي ماڻهو جيڪي (تڪليفن هونديءَ بہ) ايمان تي محڪم رهن ٿا ۽ نيڪ ڪمن ڪرڻ ۾ ثابت قدم رهن ٿا تن کي اسان جنت جي اوچين ماڙين ۾ رهائينداسين جن جي هيٺان نهرون وهنديون هونديون ۽ اهي ان جنت ۾ هميشہ رهندا. (ڏسو) نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ ڪهڙو نہ سهڻو ۽ اعليٰ انعام تيار رکيو آهي.

الَّذِيْنَ صَبَرُوْا وَعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ ۝٥٩

(٥٩) (اهو اعليٰ انعام انهن نيڪ عمل ڪندڙن لاءِ آهي) جيڪي (حق جي راهہ ۾) تڪليفون صبر سان سهن ٿا ۽ ثابت قدم رهن ٿا ۽ پنهنجي پروردگار تي پورور پورو ڀروسو رکن ٿا (نہ ظالم حاڪمن ۽ سردارن تي).

وَكَاَيِّنْ مِّنْ دَآبَّةٍ لَّا تَحْمِلُ رِزْقَهَا اللّٰهُ يَرْزُقُهَا وَاِيَّاكُمْ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ۝٦٠

(٦٠) ۽ (توهان رزق جي تنگيءَ ڪان ڊڄو ٿا، پر ڏسو نٿا تہ) گهڻائي اهڙا ساهہ وارا جيت ۽ جانور آهن جي پنهنجي غذا پاڻ سان کڻي نٿا ڪنيون وتن. الله ئي انهن کي رزق ٿو ڏئي ۽ اوهان کي بہ ۽ هو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ آهي.

وَلَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ فَاَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ۝٦١

(٦١) ۽ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون هنن (منڪرن يا ضعيف ايمان وارن) کان پڇين تہ ڪنهن آسمانن ۽ زمين کي پيدا ڪيو آهي، ۽ ڪنهن سج ۽ چنڊ کي پنهنجي فرمان هيٺ رکيو آهي (جو هو خدائي قانون جا سورهن آنا پابند رهن ٿا) تہ هو يقيناً جواب ۾ چوندا تہ الله (ئي آهي جنهن هنن کي پيدا ڪيو آهي، جڏهن تہ ايترو قبول بہ ڪن ٿا) تہ پوءِ ڪيئن هو (حق کان) هٽي گمراهہ ٿي ٿا وڃن.

اَللّٰهُ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖ وَيَقْدِرُ لَهٗ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۝٦٢

(٦٢) الله ئي آهي جو پنهنجي ٻانهن مان جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ۽ جنهن لاءِ چاهي ٿو تنهن لاءِ تنگ ڪري ٿو. بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي.

وَلَئِنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ نَّزَّلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَحْيَا بِهِ الْاَرْضَ مِنْۢ بَعْدِ مَوْتِهَا لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ؕ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ؕ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْقِلُوْنَ ﴿٦٣﴾

(٦٣) (اي پيغمبر!) جيڪڏهن تون انهن ماڻهن کان پڇين ته ڪير تو آسمان مان مينهن وسائي، ۽ پوءِ ان پاڻيءَ سان زمين کي سندس موت (يعني خشڪ هئڻ) بعد وري جيئرو ڪري (يعني سرسبز ڪري) ته پوءِ هو ضرور چوندا ته الله (ئي ائين ڪرڻ وارو آهي نه ڪو ٻيو. افسوس ته اها ڳالهه قبول ڪرڻ بعد به هو الله جي اعليٰ حڪمن ۽ قانونن جي تعميل نٿا ڪن. پر تون ته پنهنجي سر شڪر ڪر) چئو ته سڀ ساراهه الله جي لاءِ آهي، (جنهن دنيائي نعمتون به عطا ڪيون آهن ۽ قرآن مجيد جي نعمت به عطا ڪئي اٿس) پر (افسوس جو) هنن مان اڪثر ماڻهو نٿا سمجهن (۽ پاڻ کي تباهه ٿا ڪن).

رڪوع 7

**هن دنيا جي زندگي آخرت جي زندگيءَ جي ڀيٽ ۾ ڪيل تماشو آهي.**

وَمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّلَعِبٌ ؕ وَاِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٤﴾

(٦٤) ۽ (ياد رکو ته) دنيا جي هيءَ زندگي رڳو ڪيل تماشو آهي، ۽ يقين رکو ته آخرت جي گهر واري (زندگي جا پوءِ اڇٽي آهي سا) ئي سچي زندگي آهي. ماڻهو اها ڳالهه ڄاڻن ۽ سمجهن ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي.

فَاِذَا رَكِبُوْا فِي الْفُلْكِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰىهُمْ اِلَى الْبَرِّ اِذَا هُمْ يُشْرِكُوْنَ ﴿٦٥﴾

(٦٥) (پر ماڻهو اها ڳالهه نٿا ڄاڻن ۽ دنيا جي شوق ۾ خدا کي وساري ٿا ڇڏين، ڏسو) جڏهن هو ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿا ٿين (۽ طوفان ڪين وڪوڙي ٿو وڃي) تڏهن ته سچيءَ دل سان (ٻين ديوتائن ۽ شيطاني حرصن کي ڇڏي) الله تعاليٰ کي پڪارڻ لڳن ٿا، پر پوءِ جڏهن اسان ڪين خشڪيءَ تي سلامت پهچايون ٿا تڏهن وري هڪدم شرڪ ڪرڻ لڳن ٿا (يعني خدا جي حڪمن کي وساري نفساني خواهشن تي عمل ڪن ٿا).

لِيَكْفُرُوْا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۚ وَلِيَتَمَتَّعُوْا ۫ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿٦٦﴾

(٦٦) (اهي ماڻهو جو شرڪ ٿا ڪن سو) هن لاءِ ته جيڪي نعمتون اسان ڪين ڏنيون آهن تن بابت ناشڪري ڪن (۽ انهن کي خراب طرح ڪم آڻين يا ضايع ڪري ڇڏين) ۽ عيش عشرتن ۾ محو ٿي وڃن. پر جلد ئي ڪين معلوم ٿي ويندو (ته سندن روش مان ڪهڙا خراب نتيجا نڪرندا).

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا جَعَلْنَا حَرَمًا اٰمِنًا وَّيُتَخَطَّفُ النَّاسُ مِنْ حَوْلِهِمْ ؕ اَفَبِالْبَاطِلِ يُؤْمِنُوْنَ وَبِنِعْمَةِ اللّٰهِ يَكْفُرُوْنَ ﴿٦٧﴾

(٦٧) هو نٿا ڏسن ڇا ته اسان مڪي شريف کي امن جي جاءِ ٺهرايو آهي، حالانڪ انهن مڪي جي ماڻهن جي چوگرد جيڪي ماڻهو آهن تن کي (ڌاڙيل يا غُنيم) زوريءَ کڻي هليا ٿا وڃن. (انهيءَ نعمت هوندي به) هي (مڪي جا ماڻهو) باطل ۾ ايمان رکيون وينا آهن ڇا ۽ الله جو فضل نٿا مڃين ڇا؟

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِالْحَقِّ لَمَّا جَآءَهٗ ؕ اَلَيْسَ فِيْ جَهَنَّمَ مَثْوًى لِّلْكٰفِرِيْنَ ﴿٦٨﴾

(٦٨) ۽ انهيءَ شخص کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙا ناهه ٿو ناهي يا جڏهن حق جي ڳالهه ڪيس ٻڌائي وڃي ٿي تڏهن ان کي ڪوڙي نهرئي نٿو مڃي. ڇا اهڙن منڪرن جي لاءِ جهنم ۾ جاءِ ڪانهي؟

وَالَّذِيْنَ جَاهَدُوْا فِيْنَا لَنَهْدِيَنَّهُمْ سُبُلَنَا ؕ وَاِنَّ اللّٰهَ لَمَعَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٦٩﴾

(٦٩) پر جيڪي ماڻهو اسان جي راهہ ۾ (يعني حق جي واٽ تي هلڻ لاءِ) هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا تن کي اسان پنهنجي (سڌين ۽ حقيقي) واٽن تي آڻينداسين، ۽ (ياد رکو تہ) يقيناً الله تعاليٰ نيڪي ڪندڙن سان شامل آهي ۽ سندن مددگار آهي.

## سورة الروم۔ مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

رکوع 1

**الله تعاليٰ آخر انهن کي فتح تہ ڏئي جيڪي نيڪ آهن.**

الٓمّٓ ﴿١﴾

(١) الف – لام – ميم.

غُلِبَتِ الرُّوْمُ ﴿٢﴾

(٢) رومي سلطنت مغلوب ٿي ويئي آهي (جو ايرانين کين زبردست شڪستون ڏنيون آهن.)

فِيْٓ اَدْنَى الْاَرْضِ وَهُمْ مِّنْۢ بَعْدِ غَلَبِهِمْ سَيَغْلِبُوْنَ ﴿٣﴾

(٣) ويجهي ملڪ (شام ۽ فسطين) ۾ (رومين تي ايراني غالب پئجي ويا آهن) پر (توهان ڏسندؤ تہ) انهيءَ شڪست بعد رومي وري (ايرانين تي) غالب پوندا.

فِيْ بِضْعِ سِنِيْنَ ؕ لِلّٰهِ الْاَمْرُ مِنْ قَبْلُ وَمِنْۢ بَعْدُ ؕ وَيَوْمَئِذٍ يَّفْرَحُ الْمُؤْمِنُوْنَ ﴿٤﴾

(٤) ٿورن ئي سالن اندر (يعني 3 کان 9 سالن اندر رومي غالب پوندا) هر ڳالهہ جو فيصلو ۽ اختيار اڳي بہ الله تعاليٰ جي هٿ ۾ هو ۽ آئينده بہ سندس ئي هٿ ۾ رهندو ۽ انهيءَ (فتح واري) ڏينهن مسلمان خوشيون ڪندا (جو).

بِنَصْرِ اللّٰهِ ؕ يَنْصُرُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الرَّحِيْمُ ﴿٥﴾

(٥) الله جي مدد سان (رومين کي بہ فتح حاصل ٿيندي ۽ مسلمانن کي بہ بدر وٽ فتح حاصل ٿيندي) بيشڪ الله تعاليٰ جنهن کي چاهي ٿو تنهن جي مدد ڪري ٿو ۽ هو وڏي طاقت وارو، غالب رهڻ وارو ۽ وڏي رحم وارو آهي.

وَعْدَ اللّٰهِ ؕ لَا يُخْلِفُ اللّٰهُ وَعْدَهٗ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَ النَّاسِ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٦﴾

(٦) اهو الله تعاليٰ جو واعدو آهي (تہ ايمان وارن ۽ نيڪ عمل ڪندڙن کي سوڀ ڏيندو) الله تعاليٰ ڪڏهن بہ پنهنجي واعدي جي خلاف نٿو وڃي (۽ واعدو ضرور پورو ڪري ٿو ڇڏي) پر گهڻا ماڻهو اها ڳالهہ نٿا ڄاڻن (۽ سمجهن ٿا تہ جن کي گهڻو لشڪر، گهڻا هٿيار ۽ گهڻي دولت آهي سي ئي سوڀارا ٿيندا).

يَعْلَمُوْنَ ظَاهِرًا مِّنَ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَهُمْ عَنِ الْاٰخِرَةِ هُمْ غٰفِلُوْنَ ﴿٧﴾

(٧) (اهي پليل ماڻهو) هن دنيا جي زندگيءَ جون رڳو ظاهري حالتون ڄاڻن ٿا (انسان جي اندروني حالت جي خبر کين ڪانہ ٿي پوي) ۽ هو آخرت جي حالت کان بلڪل بي خبر آهن.

اَوَلَمْ يَتَفَكَّرُوْا فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ ۫ مَا خَلَقَ اللّٰهُ

(٨) ڇا هي ماڻهو پنهنجي دلين ۾ (اڪيلائي ۾ ويهي دماغ هلائي) غور ۽ فڪر نٿا ڪن؟ (۽ نٿا سمجهن تہ) الله تعاليٰ جو آسمانن کي ۽ زمين کي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَآ اِلَّا بِالْحَقِّ وَ
اَجَلٍ مُّسَمًّى ۗ وَاِنَّ كَثِيْرًا مِّنَ النَّاسِ
بِلِقَآئِ رَبِّهِمْ لَكٰفِرُوْنَ ﴿٨﴾

پيدا ڪيو آهي سو بنا مصلحت ۽ حقي مقصد جي پيدا نہ ڪيو آهي ۽ انهن کي هڪ خاص مقرر مدي لاءِ پيدا ڪيو اٿس. ۽ (تنهن هوندي بہ) بيشڪ گھڻائي (بي وقوف) ماڻهو اها ڳالھ نہ ٿا مڃين تہ ڪو (قيامت جي ڏينهن) پنهنجي پروردگار جي آڏو پيش ڪيا ويندا.

اَوَلَمْ يَسِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَيَنْظُرُوْا كَيْفَ
كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ ۗ كَانُوْٓا
اَشَدَّ مِنْهُمْ قُوَّةً وَّاَثَارُوا الْاَرْضَ وَعَمَرُوْهَآ
اَكْثَرَ مِمَّا عَمَرُوْهَا وَجَآءَتْهُمْ رُسُلُهُمْ
بِالْبَيِّنٰتِ ۗ فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ
كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ﴿٩﴾

(٩) (غور ۽ فڪر جي طاقت ڪانہ اٿن تہ ڪم از ڪم تاريخي واقعا هن ئي دنيا ۾ ڪامراني ۽ ناڪاميءَ جا ڏسن) ڇا هي ماڻهو ڌرتيءَ تي سير سفر ڪونہ ٿا ڪن؟ ۽ (سير سفر ڪندي) نٿا ڏسن تہ جيڪي (بدڪار نافرمان) ماڻهو ڪانئن اڳي ٿي گذريا آهن تن جي پڇاڙي ڪهڙي نہ (خراب) ٿي؟ اهي ماڻهو هئا بہ هنن ڪان طاقت ۾ گھڻو وڌيڪ. هنن زمين کي کيڙيو ۽ آباد ڪيو ۽ جيتري قدر هنن ماڻهن ملڪ کي آباد ڪيو آهي، تنهن ڪان گھڻو وڌيڪ هنن آباد ڪيو هو (۽ آدشماري گھڻي وڌائي هئي) ۽ انهن ڏي بہ رسول چٽين نشانين سان آيا هئا (پر هنن مٿن ويساھ نہ ڪيو ۽ نافرماني ۽ ظلمن ۾ وڌندا ويا تنهن ڪري خدا کين تباھ ڪري ڇڏيو، ڏسو) خدا اهڙو ناهي جو هنن سان بي انصافي ڪري، پر هنن پاڻ تي پاڻ ظلم ڪيو (جو بدعمل ڪري پاڻ تي تباهي آندائون).

ثُمَّ كَانَ عَاقِبَةَ الَّذِيْنَ اَسَآءُوا السُّوْٓاٰى اَنْ
كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ وَكَانُوْا بِهَا
يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿١٠﴾ ع

(١٠) پوءِ جيڪي ماڻهو برائيون ٿا ڪن تن جي پڇاڙي نيٺ بڇڙي ٿيندي، ڇو تہ هنن الله جي نشانين کي ڪوڙو ٺهرائي مڃڻ ڪان انڪار ڪيو (نہ رڳو ايترو پر) انهن نشانين ۽ حڪمن تي ٺٺوليون ۽ مسخريون ڪيون.

رڪوع 2

**قيامت جي ڏينهن نيڪ ماڻهن کي جدا ڪري باغن ۾ رهايو ويندو ۽ برن کي عذاب ۾ وڌو ويندو.**

اَللّٰهُ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ ثُمَّ اِلَيْهِ
تُرْجَعُوْنَ ﴿١١﴾

(١١) الله ئي آهي جو شين ۽ جانورن کي اول اول پيدا ڪري ٿو ۽ پوءِ بہ بار بار پيدا ڪندو رهي ٿو ۽ ڪندو رهندو (توهان انسانن کي بہ مرڻ بعد وري زنده ڪندو) پوءِ توهان کي سندس حضور ۾ موٽائي آندو ويندو.

وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يُبْلِسُ الْمُجْرِمُوْنَ ﴿١٢﴾

(١٢) ۽ انهيءَ ڏينهن جڏهن (پڇاڙي ۽ بدلي واري) گھڙي قائم ڪئي ويندي تڏهن گهنگار ماڻهو نااميديءَ جي بحر ۾ غوطا کائيندا.

وَلَمْ يَكُنْ لَّهُمْ مِّنْ شُرَكَآئِهِمْ شُفَعٰٓؤُا وَ
كَانُوْا بِشُرَكَآئِهِمْ كٰفِرِيْنَ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ سندن (هٿرادو ٺهرايل) ديوتائون جن کي خدا سان شريڪ سمجهندا هئا تن مان ڪوبہ سندن سفارشي ڪونہ ٿيندو. بلڪ هو پاڻ (حقيقت کي سمجهي) انهن ديوتائن يا شريڪن جا منڪر ٿيندا.

وَيَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ يَوْمَئِذٍ يَّتَفَرَّقُوْنَ ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ جنهن ڏينهن اها گھڙي قائم ٿيندي تنهن ڏينهن ماڻهن کي (سندن نيڪ ۽ بدعملن موجب) جدا جدا ڪيو ويندو.

فَاَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَهُمْ فِيْ رَوْضَةٍ يُّحْبَرُوْنَ ﴿۱۵﴾

(١٥) پوءِ جن ماڻهن (هن دنيا ۾ سچين حقيقتن تي) ايمان آندو هوندو ۽ (انهن موجب) نيڪ عمل ڪيا هونداءُون سي بهشت جي باغ ۾ خوشين ۽ موجن ۾ هوندا.

وَ اَمَّا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَلِقَآئِ الْاٰخِرَةِ فَاُولٰٓئِكَ فِي الْعَذَابِ مُحْضَرُوْنَ ﴿۱۶﴾

(١٦) ۽ جن ماڻهن (جهل ۽ خودغرضيءَ سببان حقيقتن کان) انڪار ڪيو ۽ اسان جي نشانين ۽ حڪمن کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ پڻ آخرت ۾ (جزا ۽ سزا لاءِ) خدا جي روبرو اچڻ واري ڳالهه تي اعتبار نہ ڪيو سي سڀ حاضر ڪري عذاب ۾ وڌا ويندا.

فَسُبْحٰنَ اللّٰهِ حِيْنَ تُمْسُوْنَ وَحِيْنَ تُصْبِحُوْنَ ﴿۱۷﴾

(١٧) سو توهان (مؤمن ۽ مسلمان هر وقت) صبح توڙي شام الله تعاليٰ جي پاڪائي ۽ شان بيان ڪند رهو.

وَ لَهُ الْحَمْدُ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَعَشِيًّا وَّ حِيْنَ تُظْهِرُوْنَ ﴿۱۸﴾

(١٨) ۽ آسمانن ۾ توڙي زمين ۾ سندس ئي ساراهه آهي (يعني سندس اعليٰ صفتون ۽ وصفون هر هنڌ ظاهر آهن) (سو سندس اعليٰ صفتون بيان ڪندا رهو) ٽپهريءَ جي وقت توڙي ڏينهن لڙڻ وقت.

يُخْرِجُ الْحَيَّ مِنَ الْمَيِّتِ وَ يُخْرِجُ الْمَيِّتَ مِنَ الْحَيِّ وَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ۭ وَ كَذٰلِكَ تُخْرَجُوْنَ ﴿۱۹﴾ۧ

(١٩) الله تعاليٰ (ڏسو تہ) بي جان شين مان جاندار پيدا ڪري ٻاهر آڻي ٿو ۽ جاندار شين مان بي جان شيون ڪڍي ٻاهر آڻي ٿو، ۽ زمين کي سندس موت بعد (يعني سربسز ۽ آباد ڪري ٿو جِڏي) ۽ اهڙيءَ طرح اوهان انسانن کي بہ (مرڻ بعد جيئرو ڪري) ٻاهر ڪڍيو ويندو.

## رڪوع 3

**الله تعاليٰ جي قدرت جون نشانيون جن تي غور ۽ فڪر ڪرڻ سان اسان حقيقتن کي سمجهي سگهون ٿا.**

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَكُمْ مِّنْ تُرَابٍ ثُمَّ اِذَآ اَنْتُمْ بَشَرٌ تَنْتَشِرُوْنَ ﴿۲۰﴾

(٢٠) ۽ هن جي (يعني الله جي) نشانين مان هڪڙي نشاني هيءَ آهي تہ هن اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو آهي، پوءِ ڏسو تہ (اگرچہ خسيس شمار ڪيل مٽيءَ مان ٺاهيل آهيو تہ بہ) توهان (وڏي مرتبي ۽ شان وارا) انسان آهيو ۽ (ڪيئن نہ) زمين تي پکڙجي ويا آهيو.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ خَلَقَ لَكُمْ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ اَزْوَاجًا لِّتَسْكُنُوْٓا اِلَيْهَا وَجَعَلَ بَيْنَكُمْ مَّوَدَّةً وَّ رَحْمَةً ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿۲۱﴾

(٢١) ۽ سندس نشانين مان هڪڙي نشاني هيءَ آهي تہ هن توهان منجهان ئي توهان جي لاءِ عورتون پيدا ڪيون آهن. انهيءَ لاءِ تہ توهان انهن وٽ آرام ۽ فرحت محسوس ڪيو. ۽ هن اوهان جي وچ ۾ محبت ۽ رحمدلي رکي آهي. بيشڪ انهيءَ ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڏيون نشانيون آهن جيڪي غور ۽ فڪر ڪندڙ آهن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ خَلْقُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَاخْتِلَافُ اَلْسِنَتِكُمْ وَ اَلْوَانِكُمْ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّلْعٰلِمِيْنَ ﴿۲۲﴾

(٢٢) ۽ آسمانن ۽ زمين جو خلقڻ ۽ (ماڻهن جي) ٻولين ۽ رنگن جو اختلاف بہ الله جي نشانين مان ڪي نشانيون آهن. بيشڪ انهيءَ ۾ بہ انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي علم وارا آهن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ مَنَامُكُمْ بِالَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَ
ابْتِغَآؤُكُمْ مِّنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ
لِّقَوْمٍ يَّسْمَعُوْنَ ﴿۲۳﴾

(٢٣) ۽ سندس نشانين مان هڪ نشاني آهي اوهان جي رات ۽ ڏينهن واري ننڊ (جا غم ٿار ۽ تازو توانو ڪندڙ آهي) ۽ اوهان جو سندس فضل ۽ روزي جي تلاش (۾ نڪرڻ ۽ ڪم ڪاريون ڪرڻ). بيشڪ انهيءَ ۾ به انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن، جيڪي (حق جون ڳالهيون ڪن ڏيئي ٻڌڻ سان) ٻڌن ٿا.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖ يُرِيْكُمُ الْبَرْقَ خَوْفًا وَّ طَمَعًا وَّ
يُنَزِّلُ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَيُحْيٖ بِهِ الْاَرْضَ بَعْدَ
مَوْتِهَا ؕ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ
يَّعْقِلُوْنَ ﴿۲۴﴾

(٢٤) ۽ سندس نشانين مان هڪ نشاني هيءَ آهي ته هو اوهان کي (ڪڪرن ۾) بجلي ڏيکاري ٿو جنهن جي ڏسڻ سان اوهان کي خوف ٿو ٿئي (ته متان ساڙي وجهي) ۽ اوهان کي اميد به ٿي ٿئي (ته مينهن وسندو گاهه نڪرندا ۽ اناج ميوا ۽ ڀاڄيون پيدا ٿيندون) ۽ هيءَ به هڪ نشاني آهي ته هو آسمان مان برسات موڪلي ٿو جنهن جي وسيلي زمين کي سندس موت بعد وري جيئرو ڪري ٿو ڇڏي. (يعني خشڪ ۽ ويران زمين کي سبرسبز ۽ آباد ڪري ٿو ڇڏي) بيشڪ انهيءَ ۾ به انهن ماڻهن لاءِ نشانيون آهن جيڪي عقل کان ڪم ٿا وٺن.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖۤ اَنْ تَقُوْمَ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ
بِاَمْرِهٖ ؕ ثُمَّ اِذَا دَعَاكُمْ دَعْوَةً ۖۗ مِّنَ الْاَرْضِ ۖۗ
اِذَآ اَنْتُمْ تَخْرُجُوْنَ ﴿۲۵﴾

(٢٥) ۽ سندس نشانين مان هڪ نشاني هيءَ (به) آهي ته سندس ئي حڪم سان آسمان ۽ زمين قائم آهن. (جنهن خدا کي ايڏي وڏي قدرت آهي سو ڇا نٿو ڪري سگهي) پوءِ جڏهن هو اوهان کي هڪڙي ئي سڏ سان زمين مان نڪري اچڻ لاءِ سڏيندو تڏهن توهان هڪدم ٻاهر نڪري ايندؤ.

وَلَهٗ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ كُلٌّ لَّهٗ
قٰنِتُوْنَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) ۽ جيڪي به آسمانن ۽ زمين ۾ آهي سو سڀ الله جو آهي. سڀ شيون ۽ جانور سندس پورا پورا فرمانبردار آهن.

وَهُوَ الَّذِيْ يَبْدَؤُا الْخَلْقَ ثُمَّ يُعِيْدُهٗ وَهُوَ
اَهْوَنُ عَلَيْهِ ؕ وَلَهُ الْمَثَلُ الْاَعْلٰى فِي
السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۲۷﴾ ع

(٢٧) ۽ اهو ئي آهي جو شين، جانورن وغيره کي اول اول پيدا ڪري ٿو ۽ پوءِ به پيدا ڪندو رهي ٿو، ۽ اها ڳالهه هن لاءِ نهايت ئي آسان آهي. (سو نيڪن کي حال توڙي مستقبل ۾ ڪامران ڪرڻ ۽ نافرمانن کي حال ۾ توڙي مستقبل ۾ ناڪام ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهه ڪانهي. نه ڪي قيامت جي ڏينهن وري ماڻهن کي جيئرو ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهه آهي) ۽ بلند ۾ بلند مثال (۽ صفتون) آسمانن ۾ توڙي زمين ۾ فقط الله جي لاءِ آهن، ۽ هو ئي هر چيز تي غالب آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

## رڪوع 4

**اوهان انسان جي ڀلائي صرف هن ۾ آهي ته فقط خدا جي حڪم تي عمل ڪيو.**

ضَرَبَ لَكُمْ مَّثَلًا مِّنْ اَنْفُسِكُمْ ؕ هَلْ لَّكُمْ
مِّنْ مَّا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ مِّنْ شُرَكَآءَ فِيْ مَا
رَزَقْنٰكُمْ فَاَنْتُمْ فِيْهِ سَوَآءٌ تَخَافُوْنَهُمْ

(٢٨) الله تعاليٰ توهان جي لاءِ توهان (جي ئي تجربي) مان هڪڙو مثال (توحيد جي سمجهاڻي لاءِ) ڏئي ٿو (ڏسو) جيڪو رزق اسان اوهان کي ڏنو آهي تنهن ۾ پنهنجي ٻانهن کي به ڪڏهن ڀائيوار ڪيو ٿا (ايتري قدر) جو

كَخِيۡفَتِكُمۡ اَنۡفُسَكُمۡ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ الۡاٰيٰتِ لِقَوۡمٍ يَّعۡقِلُوۡنَ ﴿۲۸﴾

اوهان ۽ اوهان جا ٻانها ان رزق ۾ برابر تي وڃو يا توهان انهن (ٻانهن) کان اهڙوئي ڊڄو ته جهڙو هڪٻئي کان ته ڊڄو؟ (هرگز نه) اهڙيءَ طرح اسان پنهنجون نشانيون ۽ حڪم کولي کولي بيان ڪيون ٿا انهن ماڻهن لاءِ جيڪي عقل کان ڪم ٿا وٺن.

بَلِ اتَّبَعَ الَّذِيۡنَ ظَلَمُوۡۤا اَهۡوَآءَهُمۡ بِغَيۡرِ عِلۡمٍ ۚ فَمَنۡ يَّهۡدِىۡ مَنۡ اَضَلَّ اللّٰهُ ؕ وَمَا لَهُمۡ مِّنۡ نّٰصِرِيۡنَ ﴿۲۹﴾

(۲۹) (پر افسوس جو پليل انسان رحيم ۽ ڪريم خدا جي حڪمن تي نٿا هلن) اٽلندو اُهي جيڪي ظلم ڪري رهيا آهن سي بنا سوچ سمجهه ۽ ڄاڻ جي پنهنجي نفساني خواهشن جي تابعداري ڪري رهيا آهن (۽ حقيقت ۾ وقتي فائدي يا خوشيءَ لاءِ دائمي مصيبتون خريد ڪري رهيا آهن) پوءِ ڪير اهڙي ماڻهوءَ کي هدايت ڪري سڌي راهه تي آڻي سگهندو، جنهن کي الله تعاليٰ (سندس ئي جهالت ۽ ظلم سبان) گمراهه ڪري ڇڏيندو آهي. ۽ (ياد رکو ته) اهڙن (ظالمن) لاءِ ڪوبه مددگار ڪونه ٿيندو (جو ڪين تباهيءَ ۽ عذاب کان بچائي سگهي.)

فَاَقِمۡ وَجۡهَكَ لِلدِّيۡنِ حَنِيۡفًا ؕ فِطۡرَتَ اللّٰهِ الَّتِىۡ فَطَرَ النَّاسَ عَلَيۡهَا ؕ لَا تَبۡدِيۡلَ لِخَلۡقِ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ الدِّيۡنُ الۡقَيِّمُ ۙ وَلٰكِنَّ اَكۡثَرَ النَّاسِ لَا يَعۡلَمُوۡنَ ۙ ﴿۳۰﴾

(۳۰) سو (اي منهنجا پيغمبر!) تون (غيرن جي حڪمن ۽ خواهشن کان منهن موڙي) فقط الله جي سيڪاريل سچي دين تي پنهنجو رخ محڪم رک (يعني رڳو سندس حڪمن جي پيروي ڪر اهو سچو دين ڪهڙو آهي؟) اهو آهي الله تعاليٰ جي فطرت (يا جوڙ) جنهن تي انسانن کي پيدا ڪيو اٿس. انهيءَ (اعليٰ ۽ نيڪ) فطرت ۾ جنهن تي الله تعاليٰ (انسان کي) خلقيو آهي ڪابه ڦيرڦار ٿيڻ نه ڏيو. اهوئي آهي سچو ۽ سڌو دين. پر (افسوس جو) اڪثر ماڻهو اها ڳالهه نٿا ڄاڻن.

مُنِيۡبِيۡنَ اِلَيۡهِ وَاتَّقُوۡهُ وَاَقِيۡمُوا الصَّلٰوةَ وَلَا تَكُوۡنُوۡا مِنَ الۡمُشۡرِكِيۡنَ ۙ ﴿۳۱﴾

(۳۱) (پنهنجي فطرت يعني سچي دين کان جيڪڏهن هٽي ويا آهيو ته وري به) انهيءَ الله ڏانهن موٽو ۽ سندس نافرمانيءَ جي نتيجن کان ڊڄو ۽ نماز جو نظام قائم ڪيو ۽ مشرڪ نه ٿيو (يعني فقط هڪ الله جا فرمانبردار ٻانها ٿي رهو).

مِنَ الَّذِيۡنَ فَرَّقُوۡا دِيۡنَهُمۡ وَكَانُوۡا شِيَعًا ؕ كُلُّ حِزۡبٍۢ بِمَا لَدَيۡهِمۡ فَرِحُوۡنَ ﴿۳۲﴾

(۳۲) (مشرڪ نه ٿيو) انهن ماڻهن منجهان نه ٿيو جن دين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ فرقا ٺاهيا ۽ جدا جدا ٽوليون ٿي ويا. هرهڪ ٽوليءَ جا ماڻهو پنهنجن پنهنجن خيالن رسمن وغيره تي فخر، ناز ۽ خوشيون ڪري رهيا آهن (۽ خدا جي حڪمن تي عمل ڪرڻ ڇڏي ڏنو اٿن).

وَاِذَا مَسَّ النَّاسَ ضُرٌّ دَعَوۡا رَبَّهُمۡ مُّنِيۡبِيۡنَ اِلَيۡهِ ثُمَّ اِذَاۤ اَذَاقَهُمۡ مِّنۡهُ رَحۡمَةً اِذَا فَرِيۡقٌ مِّنۡهُمۡ بِرَبِّهِمۡ يُشۡرِكُوۡنَ ۙ ﴿۳۳﴾

(۳۳) ۽ جڏهن جڏهن ماڻهن کي ڪا تڪليف پهچي ٿي تڏهن پنهنجي پروردگار کي پڪارين ٿا ۽ (پشيمان ٿي گناهه ڦٽي ڪري) ڏانهنس موٽن ٿا، پر پوءِ جڏهن (سندن نيڪ عملن جي ڪري) الله تعاليٰ ڪين پنهنجي رحمت جو مزو چکائي ٿو تڏهن ڏسو ته انهن مان ڪي (وري) پنهنجي

پروردگار سان ٻين کي بہ شريڪ ٽا ڪن (يعني خدا جا ڪي حڪم ڇڏي شيطان جا يا ٻين جا حڪم مڃڻ لڳن ٿا).

لِيَكْفُرُوا بِمَآ اٰتَيْنٰهُمْ ۭ فَتَمَتَّعُوْا ۪ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۝۳۴

(٣٤) (ائين ٿا سمجهن تہ الله تعاليٰ ئي ڪين پنهنجي رحمت سان خوشحال ڪيو آهي.) جيڪي اسان ڪين عطا ڪيو آهي تنهن جا بي شڪر ٿا ٿين ۽ انڪار ٿا ڪن (تہ ڪو اهي نعمتون الله وٽان عطا ٿيل آهن. چڱو! ڀلي بي شڪر ٿيو) ۽ (گهڙيءَ جون) موجون ماڻي وٺو. پر جلدئي توهان کي خبر پئجي ويندي (تہ نافرمانيءَ جو نتيجو ڪهڙو نہ خراب ٿو ٿئي).

اَمْ اَنْزَلْنَا عَلَيْهِمْ سُلْطٰنًا فَهُوَ يَتَكَلَّمُ بِمَا كَانُوْا بِهٖ يُشْرِكُوْنَ ۝۳۵

(٣٥) يا هيئن آهي ڇا تہ اسان ڪين ڪا سند يا اختيار يا دليل موڪليو آهي، جو هنن کي ٻڌائي ٿو انهن شين کي جنهن ڪري اهي خدا سان شريڪ ٿا ڪن؟ (اهڙي سند ڪين بلڪل ڪانہ موڪليل آهي).

وَاِذَآ اَذَقْنَا النَّاسَ رَحْمَةً فَرِحُوْا بِهَا ۭ وَاِنْ تُصِبْهُمْ سَيِّئَةٌۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ اِذَا هُمْ يَقْنَطُوْنَ ۝۳۶

(٣٦) ۽ جڏهن اسان ماڻهن کي پنهنجي رحمت جو مزو چکايون ٿا تڏهن هو ان تي خوشيون ڪن ٿا، پر جيڪڏهن سندن ئي بدعملن جي شامت ڪان مٿن ڪا مصيبت اچي ڪڙڪي ٿي تڏهن ڏسو تہ هو هڪدم مايوسيءَ ۾ غرق ٿي وڃن ٿا.

اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ يَبْسُطُ الرِّزْقَ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيَقْدِرُ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ۝۳۷

(٣٧) (گهڻائي ماڻهو رزق دولت ۽ ٻين نعمتن لاءِ گناهہ ۽ ظلم ڪن ٿا) هو نٿا ڏسن ڇا تہ يقيناً الله ئي جنهن کي چاهي تنهن لاءِ رزق ڪشادو ڪري ٿو ڇڏي ۽ (جنهن لاءِ چاهي تنهن لاءِ) توري ماپي ڏئي ٿو (يعني ٿورو رزق ڏئي ٿو). انهيءَ ۾ ايمان وارن لاءِ نشانيون آهن. (جيڪي الله جي قانونن جي پابندي ڪري ان جي قدر واري رزق جا مستحق بڻجن ٿا).

فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ۭ ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ ۡ وَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝۳۸

(٣٨) پوءِ (جڏهن تہ رزق خدا جو آهي نہ اوهان جو، تڏهن خدا جي حڪم موجب) مائٽن کي، مسڪينن کي ۽ واٽهڙو مسافرن کي سندن حق ڏيو ۽ (ياد رکو تہ) ائين ڪرڻ ۾ انهن ماڻهن لاءِ وڌي بهتري آهي جيڪي الله جي راضپي جي طلب رکن ٿا ۽ يقيناً اهي ئي ماڻهو (دنيا توڙي آخرت ۾) ڪامياب ۽ آسودا رهندا.

وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ رِّبًا لِّيَرْبُوَا۟ فِيْٓ اَمْوَالِ النَّاسِ فَلَا يَرْبُوْا عِنْدَ اللّٰهِ ۚ وَمَآ اٰتَيْتُمْ مِّنْ زَكٰوةٍ تُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ فَاُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُضْعِفُوْنَ ۝۳۹

(٣٩) ۽ توهان جيڪي ڏيو ٿا انهيءَ لاءِ تہ ماڻهن جي مال ملڪيت مان، وياج سان (يا ٻين ناجائز طريقن سان) دولت هٿ ڪيون ۽ وڌايون سا الله وٽ هرگز ڪانہ وڌندي. (بلڪ الله تعاليٰ اوهان کي مصيبتن هيٺ آڻيندو) پر جيڪي توهان صدقن ۽ زڪوات طور خدا جي راضپي جي طلب ۾ ائين ڪيو ٿا (سا دولت بيشڪ وڌندي ۽ پاڪ ٿيندي) اهڙن ئي ماڻهن کي (الله وٽان) وڌندڙ انعام ۽ نعمتون ملنديون.

اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ ثُمَّ رَزَقَكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ؕ هَلْ مِنْ شُرَكَآئِكُمْ مَّنْ يَّفْعَلُ مِنْ ذٰلِكُمْ مِّنْ شَيْءٍ ؕ سُبْحٰنَهٗ وَتَعٰلٰى عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿۴۰﴾

(٤٠) (ياد رکو ته) الله ئي آهي، جنهن اوهان کي خلقيو آهي ۽ جنهن اوهان کي رزق ڏنو آهي. اهوئي اوهان کي ماريندو ۽ وري (جزا ۽ سزا لاءِ) جيئرو ڪندو. اوهان جن (ديوتائن وغيره) کي مون سان شريڪ ٺهرايو آهي تن مان آهي ڪو اهڙو جو انهن ڳالهين مان ڪابه ڳالهه ڪري سگهي. (يعني خلقي، رزق ڏئي ۽ ماري ۽ جيئاري. هرگز نه!) پاڪ آهي الله تعالىٰ ۽ بلڪل بلند ۽ بالا آهي انهن ڪان جن کي هو خدا سان شريڪ ٺهرائين ٿا.

## رکوع 5

**فساد جو نتيجو عذاب آهي. دنيا ۾ سير ڪري ان عذاب ۽ بربادي جا ڪنڊر ڏسو.**

ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ اَيْدِي النَّاسِ لِيُذِيْقَهُمْ بَعْضَ الَّذِيْ عَمِلُوْا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿۴۱﴾

(٤١) خشڪيءَ توڙي پاڻيءَ تي (سڄي دنيا ۾) فساد ئي فساد (يعني بگاڙو ئي بگاڙو) پکڙجي ويو آهي جو ماڻهن پاڻ پنهنجي هٿن سان بدعمل ڪيا آهن. (اهو فساد ۽ بگاڙو هن لاءِ ٿيو آهي) ته ماڻهن جيڪي بدعمل ڪيا آهن تن مان ڪن جي نتيجن جو مزو چکن (يعني مصيبتون ڏسن) انهيءَ لاءِ ته من (مصيبتن ۾ غور ۽ فڪر ڪري حق جي واهه ڏي) موٽن.

قُلْ سِيْرُوْا فِي الْاَرْضِ فَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلُ ؕ كَانَ اَكْثَرُهُمْ مُّشْرِكِيْنَ ﴿۴۲﴾

(٤٢) (اي پيغمبر ماڻهن کي) چئو ته، توهان ملڪ ۾ سير سفر ڪيو ۽ ڏسو ته توهان ڪان اڳين ماڻهن جي پڇاڙي ڪهڙي نه (خراب) ٿي. انهن اڳين ماڻهن مان (جن جي پڇاڙي خراب ٿي) گهڻا ماڻهو مشرڪ هئا. (يعني خدا جي خالص ٻانهپ ڇڏي ٻين جي حڪمن تي عمل ڪرڻ لڳا هئا).

فَاَقِمْ وَجْهَكَ لِلدِّيْنِ الْقَيِّمِ مِنْ قَبْلِ اَنْ يَّاْتِيَ يَوْمٌ لَّا مَرَدَّ لَهٗ مِنَ اللّٰهِ يَوْمَئِذٍ يَّصَّدَّعُوْنَ ﴿۴۳﴾

(٤٣) سو (اي پيغمبر!) تون پنهنجو رخ سچي دين تي (يعني خدا جي خالص ٻانهپ تي) محڪم رک انهيءَ ڪان اڳي جو اهو ڏينهن (تباهيءَ جو) الله تعالىٰ وٽان اچي وڃي جنهن کي پوءِ ڪابه روڪ ڪانه ٿي سگهندي (يعني پوءِ تباهيءَ ڪان بچي ڪونه سگهبو.) انهيءَ ڏينهن سڀ ماڻهو جدا جدا (ٽولين ۾) ورهائجي ويندا (گهنگارن کي جدا ڪري تباهه ڪيو ويندو ۽ نيڪن کي جدا ڪري ڪامران ڪيو ويندو.)

مَنْ كَفَرَ فَعَلَيْهِ كُفْرُهٗ ۚ وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِاَنْفُسِهِمْ يَمْهَدُوْنَ ﴿۴۴﴾

(٤٤) جيڪي (حقيقتن ڪان) انڪار ڪن ٿا (۽ بدعمل ٿا ڪن) سي پنهنجي انڪار جو (۽ بدعملن جو) نتيجو لوڙيندا، ۽ جيڪي صالح عمل ڪن ٿا سي پنهنجي لاءِ (آرام ۽ امن امان جو) ڪوچ وڇائي رهيا آهن.

لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْ فَضْلِهٖ ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْكٰفِرِيْنَ ﴿۴۵﴾

(٤٥) جو (الله تعالىٰ جو قانون آهي ته) جيڪي ماڻهو سچو ايمان رکن ٿا ۽ نيڪ عمل ڪن ٿا، تن کي پنهنجي فضل سان وڏا انعام ۽ نعمتون ڏئي. الله تعالىٰ بي شڪر منڪرن کي بلڪل پسند نٿو ڪري.

وَمِنْ اٰيٰتِهٖٓ اَنْ يُّرْسِلَ الرِّيَاحَ مُبَشِّرٰتٍ وَّ

(٤٦) ۽ الله تعالىٰ جي نشانين مان هڪڙي هيءَ آهي ته هو هوائن کي موڪلي ٿو ته (برسات جي) خوشخبري پهچائين. ۽ انهيءَ لاءِ ته هو اوهان

لِيُذِيْقَكُمْ مِّنْ رَّحْمَتِهٖ وَ لِتَجْرِيَ الْفُلْكُ بِاَمْرِهٖ وَ لِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿۴۶﴾

ڪي پنهنجي رحمت جو مزو چکائي، ۽ انهيءَ لاءِ ته جهاز سندس حڪم سان (درياهن ۽ سمندبن تي) هلندا رهن ۽ توهان الله جي فضل (۽ دولت وغيره) جي تلاش ۾ نڪري پئو ۽ انهيءَ لاءِ ته من توهان شڪرگذار ٿيو (۽ خدا جي نعمتن کي چڱيءَ طرح ڪم ۾ آڻيو).

وَ لَقَدْ اَرْسَلْنَا مِنْ قَبْلِكَ رُسُلًا اِلٰى قَوْمِهِمْ فَجَآءُوْهُمْ بِالْبَيِّنٰتِ فَانْتَقَمْنَا مِنَ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا ؕ وَ كَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۷﴾

(٤٧) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته (جيئن اسان هوائون ۽ برسات ماڻهن جي فائدي لاءِ موڪليون ٿا تيئن) اسان توکان اڳي به گهڻائي رسول سندن قومن ڏي موڪليا ۽ اهي رسول انهن ماڻهن ڏي روشن دليل ۽ چٽيون نشانيون کڻي آيا. پوءِ جن ماڻهن (ڪين نه مڃيو ۽) گناهه ڪندا رهيا تن کي اسان پورور پورو بدلو ڏنو (يعني سزا ڏني ۽ تباهه ڪيو) ۽ اهو اسان تي حق هو (۽ اسان جو فرض هو) ته اسان ايمان وارن جي مدد ڪيون (۽ ڪين ڪامياب ڪيون).

اَللّٰهُ الَّذِيْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ فَتُثِيْرُ سَحَابًا فَيَبْسُطُهٗ فِي السَّمَآءِ كَيْفَ يَشَآءُ وَ يَجْعَلُهٗ كِسَفًا فَتَرَى الْوَدْقَ يَخْرُجُ مِنْ خِلٰلِهٖ ۚ فَاِذَآ اَصَابَ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ مِنْ عِبَادِهٖۤ اِذَا هُمْ يَسْتَبْشِرُوْنَ ﴿۴۸﴾ۚ

(٤٨) الله ئي آهي جو هوائون موڪلي ٿو جي هوائون ڪڪرن کي مٿي کڻن ٿيون. پوءِ هو انهن ڪڪرن کي آسمان ۾ پکيڙي ٿو ۽ پيچي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٿو تان جو توهان ڏسو ٿا ته ڪڪرن منجهان مينهن جا ڦڙا نڪرڻ (۽ ڪرڻ) لڳن ٿا. پوءِ جڏهن هو پنهنجي بندن مان جنهن کي وٽيس ٿو تنهن کي ان مينهن جو فائدو پهچائي ٿو، تڏهن ڏسو ته اهي ماڻهو وڏيون خوشيون ٿا ڪن.

وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلِ اَنْ يُّنَزَّلَ عَلَيْهِمْ مِّنْ قَبْلِهٖ لَمُبْلِسِيْنَ ﴿۴۹﴾

(٤٩) اگرچه برسات کان اڳي اهي ماڻهو نهايت ئي نااميد هئا ۽ مايوس ٿي چڪا هئا (تڏهن به برسات بعد موجن ۾ اچي ويا).

فَانْظُرْ اِلٰۤى اٰثٰرِ رَحْمَتِ اللّٰهِ كَيْفَ يُحْيِ الْاَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا ؕ اِنَّ ذٰلِكَ لَمُحْيِ الْمَوْتٰى ۚ وَ هُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿۵۰﴾

(٥٠) سو الله تعاليٰ جي رحمت جا نتيجا ۽ اثر ڏسو ته ڪيئن زمين کي سندس موت بعد زنده ڪري ٿو ڇڏي (يعني خشڪ زمين کي سرسبز ڪري ٿو ڇڏي) يقيناً اهوئي خدا مئل ماڻهن کي زنده ڪري ڇڏيندو، جو ته هن کي هر چيز تي قدرت ۽ غلبو آهي.

وَ لَئِنْ اَرْسَلْنَا رِيْحًا فَرَاَوْهُ مُصْفَرًّا لَّظَلُّوْا مِنْۢ بَعْدِهٖ يَكْفُرُوْنَ ﴿۵۱﴾

(٥١) ۽ جيڪڏهن اسان (ٻئي قسم جي) هوا موڪليون ۽ پوءِ اهي ماڻهو ڏسن ته (ان هوا جي ڪري) سندن پوکون سوڪ تي ويون ته پوءِ هو هڪدم بي شڪر (منڪر) ٿي پون ٿا. (۽ مايوس ٿي پون ٿا، حالانڪ وقتي مصيبتن جو مقابلو ڪرڻ مؤمن جو فرض آهي ۽ مقابلو ڪرڻ سان وڌيڪ ترقي ڪري ٿو).

فَاِنَّكَ لَا تُسْمِعُ الْمَوْتٰى وَ لَا تُسْمِعُ الصُّمَّ الدُّعَآءَ اِذَا وَلَّوْا مُدْبِرِيْنَ ﴿۵۲﴾

(٥٢) سو (اي پيغمبر!) تون ائين نٿو ڪري سگهين جو مئل تنهنجي ڳالهه ٻڌن، نڪي ائين ڪري ٿو سگهين جو ٻوڙا تنهنجو سڏ ٻڌن، جڏهن ته هو پٺي ڏيئي پنتي موٽي ٿا پون.

وَمَآ اَنْتَ بِهٰدِ الْعُمْیِ عَنْ ضَلٰلَتِهِمْ ؕ اِنْ تُسْمِعُ اِلَّا مَنْ یُّؤْمِنُ بِاٰیٰتِنَا فَهُمْ مُّسْلِمُوْنَ ۠ ﴿۵۳﴾

(٥٣) نکي تون انڌن کي سندن گمراهيءَ مان ڪڍي سڌيءَ واٽ تي آڻي ٿو سگهين، تون تہ فقط انهن کي پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي سگهين ٿو، جيڪي اسان جي نشانين ۽ حڪمن تي ايمان رکن ٿا ۽ اسان جي حڪمن جي تعميل ۽ فرمانبرداري ڪن ٿا.

## رکوع 6

**نندپڻ جواني ۽ ٻڍاپڻ جون حالتون اهو ئي پيدا ڪري ٿو جو قادر ۽ قدير آهي.**

اَللّٰهُ الَّذِیْ خَلَقَكُمْ مِّنْ ضُعْفٍ ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ ضُعْفٍ قُوَّةً ثُمَّ جَعَلَ مِنْۢ بَعْدِ قُوَّةٍ ضُعْفًا وَّ شَیْبَةً ؕ یَخْلُقُ مَا یَشَآءُ ۚ وَ هُوَ الْعَلِیْمُ الْقَدِیْرُ ﴿۵۴﴾

(٥٤) اهو الله ئي آهي جنهن اوهان کي (ڄمڻ وقت) ضعيف حالت ۾ پيدا ڪيو، پوءِ هيڻائيءَ جي حالت بعد اوهان کي طاقتور جوان ڪيائين، ۽ وري طاقت بعد اوهان کي هيڻائي ۽ اڇا وار (يعني پوڙهائي) ڏنائين، هو جيئن چاهي ٿو تيئن خلقي ٿو ۽ هو سڀ ڪجهہ ڄاڻندڙ آهي ۽ ڪامل قدرت وارو آهي.

وَ یَوْمَ تَقُوْمُ السَّاعَةُ یُقْسِمُ الْمُجْرِمُوْنَ ۙ۬ مَا لَبِثُوْا غَیْرَ سَاعَةٍ ؕ كَذٰلِكَ كَانُوْا یُؤْفَكُوْنَ ﴿۵۵﴾

(٥٥) (پوءِ الله اوهان کي ماريندو ۽ قيامت جي ڏينهن وري جيئرو ڪري اٿاريندو) ۽ جنهن ڏينهن (حساب ڪتاب ڏيڻ واري) گهڙي قائم ٿيندي تنهن ڏينهن گنهگار چوندا تہ اسان تہ هڪ ڪلاڪ کان وڌيڪ ڪونہ ترسيا اهيون. اهڙيءَ ئي طرح (دنيا ۾ بہ) هو ڀليل رهيا (۽ خبر ڪانہ پوندي هين تہ آخر حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو ۽ بدعملن جي سزا ملندي).

وَ قَالَ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْعِلْمَ وَ الْاِیْمَانَ لَقَدْ لَبِثْتُمْ فِیْ كِتٰبِ اللّٰهِ اِلٰی یَوْمِ الْبَعْثِ ۫ فَهٰذَا یَوْمُ الْبَعْثِ وَ لٰكِنَّكُمْ كُنْتُمْ لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿۵۶﴾

(٥٦) پر جن ماڻهن کي علم ۽ ايمان ڏنو ويو هو سي (ڪين) چوندا تہ سچي ڳالهہ هيءَ آهي تہ توهان الله جي ڪتاب ۾ (لکيل ۽ مقرر ڪيل مدت) ترسيا آهيو ۽ اڄ قيامت جو ڏينهن آهي، (جنهن تائين توهان ترسيا آهيو) پوءِ اهو اٿو قيامت جو ڏينهن، پر توهان تہ ڄاڻندائي ڪونہ هئو (نڪي مڃيندا هئو تہ ڪو قيامت ٿيندي).

فَیَوْمَئِذٍ لَّا یَنْفَعُ الَّذِیْنَ ظَلَمُوْا مَعْذِرَتُهُمْ وَ لَا هُمْ یُسْتَعْتَبُوْنَ ﴿۵۷﴾

(٥٧) پوءِ انهيءَ ڏينهن جن ماڻهن (دنيا ۾) ظلم ڪيا هوندا تن کي سندن عذر ۽ بهانا ڪم نہ ايندا. نڪي کين چيو ويندو تہ (پشيمان ٿي) خدا جي مهرباني ۽ فضل جي طلب ڪيو.

وَ لَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِیْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ ؕ وَ لَئِنْ جِئْتَهُمْ بِاٰیَةٍ لَّیَقُوْلَنَّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْۤا اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا مُبْطِلُوْنَ ﴿۵۸﴾

(٥٨) هيءَ حقيقت آهي تہ اسان ماڻهن (کي سمجهائڻ) لاءِ هن قرآن ۾ هر قسم جا مثال (۽ سمجهاڻيون) ڏنيون آهن، پر (اي پيغمبر! جيڪڏهن تون هنن وٽ ڪوبہ حڪم يا نشاني آڻيندين تہ جيڪي ماڻهو (ضد ۽ تڪبر ڪري) ڪفر ۽ انڪار تي ڄمي بيٺا آهن سي ضرور چوندا تہ توهان (مسلمان) ڪوڙيون واهيات ڳالهيون ٻڌائيندڙ آهيو.

كَذٰلِكَ یَطْبَعُ اللّٰهُ عَلٰی قُلُوْبِ الَّذِیْنَ لَا یَعْلَمُوْنَ ﴿۵۹﴾

(٥٩) اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي دلين تي مهر لڳائي ٿو ڇڏي، جيڪي (ضد ڪري) جاهل ٿا رهن (۽ حقيقتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪن).

فَاصْبِرْ إِنَّ وَعْدَ اللَّهِ حَقٌّ ۖ وَلَا يَسْتَخِفَّنَّكَ الَّذِينَ لَا يُوقِنُونَ ﴿٦٠﴾

(٦٠) سو (اي پيغمبر!) تون (انهن ماڻهن جو ڪجھ بہ خيال نہ ڪر ۽ پنهنجي تبليغ جي ڪم ۾) ثابت قدم رھ ۽ يقين ڄاڻ تہ الله جو واعدو سچو آهي (تہ هو ضرور مؤمن کي غالب ڪندو) ۽ اهي ماڻهو جن کي علم ۽ يقين ڪونهي تن جي ڪري تون مايوس نہ ٿي (۽ ڪوشش ۾ ڪا گهٽتائي نہ ڪر.)

## سورة لقمان—مکي

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

رکوع 1

**قرآن مجيد وڏي دانائي ۽ حڪمت سان ڀريو پيو آهي.**

الٓمٓ ﴿١﴾

(١) الف – لام – ميم

تِلْكَ آيَاتُ الْكِتَابِ الْحَكِيمِ ﴿٢﴾

(٢) هي انهيءَ ڪتاب (قرآن مجيد) جون آيتون آهن جو دانائي، عقل ۽ حڪمت سان ڀريو پيو آهي.

هُدًى وَرَحْمَةً لِّلْمُحْسِنِينَ ﴿٣﴾

(٣) اهو (قرآن مجيد) نيڪ ڪم ڪندڙن لاءِ واٽ ڏيکاريندڙ آهي ۽ وڏي رحمت آهي.

الَّذِينَ يُقِيمُونَ الصَّلَاةَ وَيُؤْتُونَ الزَّكَاةَ وَهُم بِالْآخِرَةِ هُمْ يُوقِنُونَ ﴿٤﴾

(٤) (نيڪ ڪم ڪندڙ محسن اهي آهن) جيڪي نماز قائم رکن ٿا، زڪوات ڏيندا رهن ٿا ۽ پڻ آخرت ۾ يقين رکن ٿا.

أُولَٰئِكَ عَلَىٰ هُدًى مِّن رَّبِّهِمْ ۖ وَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ ﴿٥﴾

(٥) اهي ئي پنهنجي پروردگار جي ڏيکاريل سڌيءَ واٽ تي هلندڙ آهن ۽ اهي ئي (دنيا ۽ اخرت ۾) ڪامياب ۽ سعادتمند رهندا.

وَمِنَ النَّاسِ مَن يَشْتَرِي لَهْوَ الْحَدِيثِ لِيُضِلَّ عَن سَبِيلِ اللَّهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَيَتَّخِذَهَا هُزُوًا ۚ أُولَٰئِكَ لَهُمْ عَذَابٌ مُّهِينٌ ﴿٦﴾

(٦) ۽ ماڻهن ۾ ڪي اهڙا (بيهودا بيوقوف بہ) آهن جيڪي بيهوديون ڳالهيون ۽ افسانا خريد ڪن ٿا (يعني هتان هُتان هٿ ڪن ٿا) انهيءَ لاءِ تہ (انهن جي ٻڌائڻ سان ماڻهن کي) خدا جي واٽ کان ٿيڙي گمراھ ڪري ڇڏين. هنن کي (حقيقي) علم آهي ئي ڪون. ۽ هو خدا جي ڏيکاريل واٽ (۽ خدا جي سچي تعليم) تي کل مسخري ڪندا ٿا رهن. انهن تي اهڙو عذاب ايندو جو کين خوار خراب ڪندو.

وَإِذَا تُتْلَىٰ عَلَيْهِ آيَاتُنَا وَلَّىٰ مُسْتَكْبِرًا كَأَن لَّمْ يَسْمَعْهَا كَأَنَّ فِي أُذُنَيْهِ وَقْرًا ۖ فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٧﴾

(٧) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي اسان جون آيتون ۽ حڪم ٻڌايا وڃن ٿا تڏهن وڏي آڪڙ سان پٺي ڏيئي هليا ٿا وڃن ڄڻ تہ هنن اهي آيتون ٻڌيون ئي ڪونہ. ۽ ڄڻ تہ هنن جي ٻنهي ڪنن ۾ گند پيل آهي ۽ ڪن ٻوڙا اٿن. اهڙن ماڻهن کي (اي منهنجا پيغمبر!) وڏي دردناڪ عذاب جي اچڻ جي خبر ڏيئي ڇڏ.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ لَهُمْ جَنَّاتُ النَّعِيمِ ﴿٨﴾

(٨) يقين ڄاڻو تہ جيڪي ماڻهو (حقيقتن تي) ايمان آڻين ٿا ۽ نيڪ عمل بہ ڪن ٿا تن جي لاءِ وڏين نعمتن ۽ خوشين وارا باغ تيار رکيا آهن.

خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَعْدَ اللّٰهِ حَقًّا ؕ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿۹﴾

(۹) (اهي نيڪ ماڻهو) انهن باغن ۾ هميشه رهندا. الله جو واعدو سچو آهي (۽ ضرور پورو ٿيندو) ۽ الله تعاليٰ سڀ طاقت ۽ قدرت رکندڙ ۽ وڏي حڪمت وارو آهي.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ بِغَيْرِ عَمَدٍ تَرَوْنَهَا وَاَلْقٰى فِى الْاَرْضِ رَوَاسِىَ اَنْ تَمِيْدَ بِكُمْ وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ؕ وَاَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ زَوْجٍ كَرِيْمٍ ﴿۱۰﴾

(۱۰) هن آسمانن کي بنا ٿنين جي ٺاهيو آهي. آهن کي اهڙا ٿنڀ جي توهان ڏسي سگهو؟ ۽ هن زمين تي جبلن کي مضبوط کوڙيو آهي انهيءَ لاءِ ته متان اوهان سان گڏ لڏي لمي وڃي. ۽ هن ان زمين تي هر قسم جا جانور پکيڙي ڇڏيا آهن. ۽ اسان (يعني الله تعاليٰ) آسمان مان مينهن وسايون ٿا ۽ (ان جي ريج سان) زمين تي هر قسم جا شاندار وڻ ٻوٽا (جوڙين ۾) ڄمايون ٿا.

هٰذَا خَلْقُ اللّٰهِ فَاَرُوْنِىْ مَاذَا خَلَقَ الَّذِيْنَ مِنْ دُوْنِهٖ ؕ بَلِ الظّٰلِمُوْنَ فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿۱۱﴾ ع

(۱۱) اها آهي الله جي مخلوق. (اها آهي خالق جي جوڙ ۽ قدرت) هاڻي مونکي (يعني الله تعاليٰ کي) ڏيکاريو ته مون کان سواءِ جيڪي ٻيا آهن تن ڇا خلقيو آهي؟ (ڪجهه به نه). حقيقت هيءَ آهي ته اهي ظالم (جيڪي ٻين کي مون سان شريڪ ٿا سمجهن سي) ظاهر ظهور گمراهي ۽ غلطيءَ ۾ آهن.

## رکوع 2

**لقمان کي الله تعاليٰ عقل ۽ حڪمت ڏني. ان جي پٽ کي نصيحت، انسان جا فرض.**

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا لُقْمٰنَ الْحِكْمَةَ اَنِ اشْكُرْ لِلّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّشْكُرْ فَاِنَّمَا يَشْكُرُ لِنَفْسِهٖ ۚ وَمَنْ كَفَرَ فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِىٌّ حَمِيْدٌ ﴿۱۲﴾

(۱۲) ۽ هي واقعو آهي ته اسان لقمان کي دانائي، عقل ۽ حڪمت ڏني هئي (خاص طرح هي) ته الله تعاليٰ جو شڪر بجا آڻيندو رهه. (۽ سندس ڏنل نعمتن کي چڱيءَ طرح ڪم آڻيندو رهه) جيڪو ماڻهو ان طرح شڪرگذاري ٿو ڪري سو درحقيقت پنهنجي فائدي لاءِ ٿو ائين ڪري (ان ۾ سندس ئي فائدو آهي، نه ڪ الله تعاليٰ جو، ڇو ته هو ڪنهن به ڳالهه جو محتاج ناهي) ۽ جيڪو خدا جي بي شڪري ڪري ٿو (۽ سندس نعمتون ضايع ٿو ڪري (سو به خدا جو ڪجهه به نقصان ڪونه ٿو ڪري ڇو ته) الله تعاليٰ يقيناً بي نياز بي پرواهه آهي ۽ ڪامل صفتن سان موصوف آهي.

وَاِذْ قَالَ لُقْمٰنُ لِابْنِهٖ وَهُوَ يَعِظُهٗ يٰبُنَىَّ لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ ؕ اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ ﴿۱۳﴾

(۱۳) ۽ ڏسو (لقمان جي حڪمت) هن پنهنجي پٽ کي نصيحتون ڪندي چيو ته، اي منهنجا پٽ الله سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪجانءِ (يعني الله جي قانونن ۽ حڪمن جي خلاف ڪنهن جو به حڪم نه مڃجانءِ) يقيناً شرڪ تمام وڏو ظلم آهي.

وَوَصَّيْنَا الْاِنْسَانَ بِوَالِدَيْهِ ۚ حَمَلَتْهُ اُمُّهٗ وَهْنًا عَلٰى وَهْنٍ وَّفِصٰلُهٗ فِىْ عَامَيْنِ اَنِ اشْكُرْ لِىْ وَلِوَالِدَيْكَ ؕ اِلَىَّ الْمَصِيْرُ ﴿۱۴﴾

(۱٤) ۽ اسان انسان کي سندس ماءُ پيءُ جي باري ۾ وصيت ڪئي ته (ساڻن سهڻو سلوڪ رکو ۽ سندن خدمت ڪندا رهو) سندس ماءُ هنن کي تڪليفن پٺيان تڪليفون سهي پيٽ ۾ سانديو ۽ ٻه سال کيس پنهنجي ٿڃ پياريندي رهي، سو (اي انسان) منهنجي به شڪرگذار ڪر ۽ پنهنجي والدين جي (خدمت گذاري به. ياد رک ته) آخر تو کي مون وٽ موٽي اچڻو آهي.

وَاِنْ جَاهَدٰكَ عَلٰۤى اَنْ تُشْرِكَ بِيْ مَا لَيْسَ لَكَ بِهٖ عِلْمٌ ۙ فَلَا تُطِعْهُمَا وَصَاحِبْهُمَا فِي الدُّنْيَا مَعْرُوْفًا ۖ وَّاتَّبِعْ سَبِيْلَ مَنْ اَنَابَ اِلَيَّ ۚ ثُمَّ اِلَيَّ مَرْجِعُكُمْ فَاُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ۝١٥

(١٥) ۽ جيڪڏهن ماءُ پيءُ توتي زور بار رکن ته مون سان ٻين کي شريڪ ڪر، جنهن ڳالهه بابت توکي علم ئي ڪونهي ته پوءِ انهيءَ ڳالهه ۾ سندن تابعداري نه ڪر (۽ تون فقط خدا جي حڪمن ۽ قانونن جي پابندي ڪندو رهه، پر اگرچه هو توکي شرڪ ڪرڻ لاءِ زور بار تا رکن ته به) تون دنيا ۾ چڱي سلوڪ سان ساڻن صحبت ڪندو رهه. پر طريقو انهن جو اختيار ڪر ۽ انهن جي واٽ تي لڳ جيڪي مون ڏانهن رجوع ٿين ٿا (۽ منهنجي حڪمن جي تعميل ڪن ٿا ۽ ياد رک ته) آخر پوءِ اوهان سڀني کي مون وٽ ئي اچڻو آهي. پوءِ مان اوهان کي ٻڌائيندس ته توهان (دنيا ۾) ڪهڙا عمل ڪيا هئا (۽ توهان کي انهن جو بدلو ڏيندس).

يٰبُنَيَّ اِنَّهَاۤ اِنْ تَكُ مِثْقَالَ حَبَّةٍ مِّنْ خَرْدَلٍ فَتَكُنْ فِيْ صَخْرَةٍ اَوْ فِي السَّمٰوٰتِ اَوْ فِي الْاَرْضِ يَاْتِ بِهَا اللّٰهُ ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَطِيْفٌ خَبِيْرٌ ۝١٦

(١٦) (لقمان وڌيڪ چيو ته) اي منهنجا پٽ! يقين ڄاڻ ته اگرچه سرنهه جي داڻي جي تور جيتري ڪا شيءِ هجي ۽ هجي به ڪنهن وڏي پٿر جي وچ ۾ لڪل يا ڪٿي به آسمانن ۾ يا زمين ۾ هجي ته ان کي به الله تعاليٰ آڻي پيش ڪندو (يعني الله تعاليٰ تمام ننڍڙن خيالن، لفظن ۽ عملن جو به حساب وٺندو) بيشڪ الله تعاليٰ تمام اونهيون ڳالهيون به سمجهندڙ آهي ۽ سڀني ڳالهين جي خبر رکندڙ آهي.

يٰبُنَيَّ اَقِمِ الصَّلٰوةَ وَاْمُرْ بِالْمَعْرُوْفِ وَانْهَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَاصْبِرْ عَلٰى مَاۤ اَصَابَكَ ؕ اِنَّ ذٰلِكَ مِنْ عَزْمِ الْاُمُوْرِ ۚ ۝١٧

(١٧) اي منهنجا پٽ! تون نماز قائم رک (۽ الله تعاليٰ جي اڳيان جهڪي پئو) ۽ نيڪين جو حڪم ڏيندو رهه ۽ برائين کان منع ڪندو رهه ۽ (انهيءَ ڪم ۾) توکي تڪليفون درپيش اچن ته به صبر سان ثابت قدم رهه. بيشڪ ائين ڪرڻ وڏي همت ۽ استقلال جو ڪم آهي.

وَلَا تُصَعِّرْ خَدَّكَ لِلنَّاسِ وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ؕ اِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ كُلَّ مُخْتَالٍ فَخُوْرٍ ۚ ۝١٨

(١٨) ۽ ماڻهن سان مٿون ڦوڪي مغروريءَ سان ۽ شوخيءَ سا پيش نه اچ، ۽ زمين تي اڪڙ ڪري نه هل. بيشڪ الله تعاليٰ هٺيلن ۽ ٻٽاڪي ماڻهن کي پسند نٿو ڪري.

وَاقْصِدْ فِيْ مَشْيِكَ وَاغْضُضْ مِنْ صَوْتِكَ ؕ اِنَّ اَنْكَرَ الْاَصْوَاتِ لَصَوْتُ الْحَمِيْرِ ۚ ۝١٩

(١٩) ۽ گهمڻ ڦرڻ ۾ پوري پني رفتار رک (نڪي گهڻي تڪڙ ڪر، نڪي تمام آهستي هل. سڀ ڪنهن ڳالهه ۾ درميانو وچٿرو طريقو وٺ) ۽ (ڳالهائڻ ۾ به) پنهنجو آواز هيٺ رک (يعني واڪا ڪري شوخيءَ سان نه ڳالهاءِ اهو ٿيندو گڏهن وانگي هينگ ڪرڻ) يقيناً سڀني آوازن کان خراب آواز آهي گڏهه جي هينگ.

رڪوع 3

**بي علمي ۽ وڏڙن خيالن تي بنا سمجهه جي ڇهتي پوڻ جا نتيجا گمراهي ۽ تباهي آهن.**

اَلَمْ تَرَوْا اَنَّ اللّٰهَ سَخَّرَ لَكُمْ مَّا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ وَاَسْبَغَ عَلَيْكُمْ نِعَمَهٗ

(٢٠) توهان نٿا ڏسو ڇا ته الله تعاليٰ اهي سڀ شيون جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهن اوهان کي (اوهان جي ڪم اچڻ لاءِ) تابع ڪري ڏنيون آهن، ۽

ظَاهِرَةً وَّبَاطِنَةً ۭ وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّجَادِلُ فِي اللّٰهِ بِغَيْرِ عِلْمٍ وَّلَا هُدًى وَّلَا كِتٰبٍ مُّنِيْرٍ ۝٢٠

توهان جي لاءِ ظاهري (يعني روح جي پرورش لاءِ روحاني) نعمتون (جهڙوڪ علم، عقل، وحي، شريف جذبا وغيره) بي انداز مهيا ڪري ڇڏيون آهن. (افسوس جو تنهن هوندي بي) ماڻهن ۾ ڪي اهڙآ آهن جيڪي الله جي باري ۾ اجايا جهڳڙا ڪندا ٿا رهن، حالانڪ ڪين نہ علم آهي، نہ (عقل جي) هدايت اٿن، نڪي وري ڪو روشني ڏيندڙ ڪتاب اٿن.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّبِعُوْا مَآ اَنْزَلَ اللّٰهُ قَالُوْا بَلْ نَتَّبِعُ مَا وَجَدْنَا عَلَيْهِ اٰبَآءَنَا ۭ اَوَلَوْ كَانَ الشَّيْطٰنُ يَدْعُوْهُمْ اِلٰى عَذَابِ السَّعِيْرِ ۝٢١

(٢١) ۽ جڏهن انهن ماڻهن کي چيو وڃي ٿو تہ جيڪي الله تعاليٰ (وحي جي رستي) نازل ڪيو آهي، تنهن جي پيروي ڪيو، تڏهن هو چون ٿا تہ، نہ اسان تہ انهيءَ واٽ تي هلنداسين جنهن تي اسان پنهنجي ابن ڏاڏن کي هلند ڏٺو. (ڪهڙا نہ بي سمجهہ آهن عقل بہ نٿا هلائين تہ) جيڪڏهن شيطان ڪين (انهيءَ غلط واٽ تي هلائڻ سان) سخت ٻرندڙ باهہ جي عذاب ڏانهن سڏيندو هجي تہ بہ انهيءَ واٽ تي هلندا ڇا؟

وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗٓ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۭ وَاِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ۝٢٢

(٢٢) ۽ (ياد رکو تہ) جيڪو بہ خدا جي اڳيان فرمانبرداريءَ سان سر جهڪائي ۽ چڱا عمل ڪري ٿو تہ تنهن درحقيقت هڪ نهايت مضبوط، ۽ پروسي جهڙي رسيءَ جو سهارو ورتو آهي (۽ ياد رکو تہ) سيني معاملن جي پڇاڙي ۽ فيصلو آخر الله وٽ ئي اچڻو آهي.

وَمَنْ كَفَرَ فَلَا يَحْزُنْكَ كُفْرُهٗ ۭ اِلَيْنَا مَرْجِعُهُمْ فَنُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ۝٢٣

(٢٣) پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪفر ۽ انڪار جي واٽ وٺي تہ (اي پيغمبر!) سندس ڪفرجي ڪري تون غم نہ ڪر انهن سيني ماڻهن کي نيٺ اسان وٽ موٽي اچڻو آهي. پوءِ اسان ڪين ٻڌائينداسين تہ، ڪهڙا ڪهڙا عمل هنن ڪيا هئا (۽ ڪين انهن موجب جزا ۽ سزا ڏينداسين) بيشڪ الله تعاليٰ دلين جا ڳجهہ بہ ڄاڻي ٿو.

نُمَتِّعُهُمْ قَلِيْلًا ثُمَّ نَضْطَرُّهُمْ اِلٰى عَذَابٍ غَلِيْظٍ ۝٢٤

(٢٤) اسان انهن (منڪرن) کي ڪجهہ وقت لاءِ وقتي موجون ماڻڻ ڏينداسين، پر پوءِ هنن کي سخت عذاب ڏانهن گهلي آڻينداسين.

وَلَىِٕنْ سَاَلْتَهُمْ مَّنْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ لَيَقُوْلُنَّ اللّٰهُ ۭ قُلِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ ۭ بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ۝٢٥

(٢٥) ۽ اي پيغمبر! جيڪڏهن تون انهن (منڪرن) کان پڇندين تہ ڪنهن آسمانن کي ۽ زمين کي خلقيو آهي تہ هو ضرور چوندا تہ الله خلقيا آهن. پوءِ تون چئجانءِ الحمدلله! (شڪر جو ايترو تہ قبول ٿا ڪيو پوءِ جو نٿا الله جي رحمت ڏسي سندس موڪليل وحي تي عمل ڪيو، پر افسوس) هنن مان گهڻا جاهل آهن (۽ عقل کان ڪم نٿا وٺن.)

لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ اِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ۝٢٦

(٢٦) (اهي ڪافر ائين نہ سمجهن تہ الله تعاليٰ کي سندن ايمان يا انڪار جي ڪا گهرج يا پرواهہ آهي) آسمانن ۽ زمين ۾ جيڪي بہ آهي سو سڀ الله جو آهي. بيشڪ الله ئي آهي جو بي نياز بي پرواهہ آهي ۽ اعليٰ صفتن سان موصوف آهي.

| | |
|---|---|
| وَلَوْ اَنَّ مَا فِی الْاَرْضِ مِنْ شَجَرَةٍ اَقْلَامٌ وَّالْبَحْرُ يَمُدُّهٗ مِنْۢ بَعْدِهٖ سَبْعَةُ اَبْحُرٍ مَّا نَفِدَتْ كَلِمٰتُ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ عَزِيْزٌ حَكِيْمٌ ﴿۲۷﴾ | (۲۷) ۽ جيڪڏهن ڌرتيءَ جا سڀ وڻ قلم هجن ۽ سڄو سمنڊ مس هجي ۽ اهڙا ٻيا ٻه ست سمنڊ انهيءَ جي پٺيان مدد لاءِ موجود ٿين ته به الله جون ڳالهيون ۽ حڪمتون لکجي نه سگهبيون. (الله جو علم ۽ قدرتون بي انت آهن) بيشڪ الله تعاليٰ هر چيز تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي. |
| مَا خَلْقُكُمْ وَلَا بَعْثُكُمْ اِلَّا كَنَفْسٍ وَّاحِدَةٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ﴿۲۸﴾ | (۲۸) ۽ اوهان سڀني کي پيدا ڪرڻ ۽ وري (مرڻ بعد) جيئاري ڪڙو ڪرڻ اهڙو ئي (اسان جي لاءِ آسان) آهي جهڙو هڪڙي شخص (کي پيدا ڪرڻ ۽ مرڻ بعد وري اٿارڻ) بيشڪ الله تعاليٰ سڀ ڪجھ ٻڌي ٿو ۽ سڀ ڪجھ ڏسي ٿو. |
| اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يُوْلِجُ الَّيْلَ فِی النَّهَارِ وَ يُوْلِجُ النَّهَارَ فِی الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَ الْقَمَرَ ؗ كُلٌّ يَّجْرِیْۤ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى وَّ اَنَّ اللّٰهَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ﴿۲۹﴾ | (۲۹) توهان ڏسو نٿا ته الله تعاليٰ رات کي ڏينهن ۾ داخل ڪري ٿو ۽ ڏينهن کي رات ۾ داخل ڪري ٿو ۽ سج ۽ چنڊ کي پنهنجي (قانون ۽ حڪم جي) تابع رکيو اٿس. هرهڪ مقرر مدي تائين هلندو رهندو (پوءِ فنا ٿي ويندو) ۽ (ياد رکو ته جو الله سج ۽ چنڊ کي قانونن جو پابند رکي ٿو سو الله اوهان کي به اوهان جي بهتري لاءِ پنهنجا قانون ۽ حڪم ٻڌائي ٿو پوءِ جيڪڏهن انهن تي عمل نه ڪندؤ ته (ياد رکو ته) يقيناً الله تعاليٰ اوهان جي سڀني عملن جي خبر رکي ٿو (۽ اوهان کي ضرور بدعملن جي سزا ڏيندو.) |
| ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ وَ اَنَّ مَا يَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِهِ الْبَاطِلُ ۙ وَ اَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْعَلِیُّ الْكَبِيْرُ ﴿۳۰﴾ | (۳۰) (سج چنڊ وغيره کي قانونن هيٺ رکڻ وغيره) اهو سڀ هن ڪري آهي ته بيشڪ الله ئي آهي جو حق آهي (۽ حق کي غالب ۽ پائيدار ڪندو) پر الله کان سواءِ جن ٻين کي ماڻهو (شريڪ ٺهرائي) پڪارين ٿا سي باطل آهن (۽ فنا ٿي ويندا) ۽ هن ڪري به آهي جو بيشڪ الله ئي آهي جو سڀني کان مٿاهون ۽ سڀني کان وڏو آهي. |

رڪوع 4

**انسان جي بي شڪري ۽ ان جو نتيجو.**

| | |
|---|---|
| اَلَمْ تَرَ اَنَّ الْفُلْكَ تَجْرِیْ فِی الْبَحْرِ بِنِعْمَتِ اللّٰهِ لِيُرِيَكُمْ مِّنْ اٰيٰتِهٖ ؕ اِنَّ فِیْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّكُلِّ صَبَّارٍ شَكُوْرٍ ﴿۳۱﴾ | (۳۱) توهان ڏسو نٿا ته الله ئي جي فضل سان جهاز سمنڊ ۾ ترندو وڃي ٿو. انهيءَ لاءِ ته الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجون نشانيون ڏيکاري جيڪي ماڻهو دائما وڏا صابر آهن ۽ سخت اورچ ۽ ثابت قدم آهن ۽ ان سان گڏ شڪر ڪندڙ آهن (يعني الله جي نعمتن کي چڱيءَ طرح ڪم آڻيندڙ آهن) تن جي لاءِ هن ڳالهه ۾ (يعني جهازن جي هلڻ ۾) يقيناً وڏيون نشانيون آهن. |
| وَ اِذَا غَشِيَهُمْ مَّوْجٌ كَالظُّلَلِ دَعَوُا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۚ فَلَمَّا نَجّٰهُمْ اِلَى | (۳۲) (پر افسوس اڪثر ماڻهو صابر ۽ شاڪر ناهن) جڏهن (جهاز ۾ سفر ڪندي سمنڊ جون) لهرون هنن کي ڇبوتري وانگر ڍڪي ٿيون ڇڏين تڏهن هو سچي دل سان فقط الله کي پڪارين ٿا (ته اسان کي هن مصيبت |

الْبَرِّ فَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ ۭ وَمَا يَجْحَدُ بِاٰيٰتِنَآ اِلَّا كُلُّ خَتَّارٍ كَفُوْرٍ ۝۳۲

ڪان ڇوٽڪارو ڏي) پر پوءِ جڏهن الله تعاليٰ خشڪيءَ تي پهچائي ٿو تڏهن انهن مان ڪي (نيڪي ۽ برائي جي وچ ۾) منجهي بيهن ٿا (يعني ڪجھ قدر الله ڏي لاڙو رکي نيڪي ڪرڻ بہ پسند ڪن ٿا پر لالچن ۽ حرصن ۾ ڦٿجي برائيون بہ ڪن ٿا) ۽ (ياد رکو تہ) فقط اهي ماڻهو اسان جي آيتن کي نٽا مڃن جيڪي (بيوفائي جي ڪري) پنهنجا عهد ڀاڙيندڙ نہ آهن ۽ بي شڪر آهن.

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا رَبَّكُمْ وَاخْشَوْا يَوْمًا لَّا يَجْزِيْ وَالِدٌ عَنْ وَّلَدِهٖ ۡ وَلَا مَوْلُوْدٌ هُوَ جَازٍ عَنْ وَّالِدِهٖ شَيْـــًٔا ۭ اِنَّ وَعْدَ اللّٰهِ حَقٌّ فَلَا تَغُرَّنَّكُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۫ وَلَا يَغُرَّنَّكُمْ بِاللّٰهِ الْغَرُوْرُ ۝۳۳

(٣٣) اي انسانو! پنهنجي پروردگار (جي نافرمانيءَ جي نتيجن) ڪان ڊڄو، ۽ انهيءَ (جزا ۽ سزا واري) ڏينهن جي اچڻ ڪان ڊڄو جنهن ڏينهن نڪي پيءُ پٽ کي ڪم ايندو، نڪي پٽ پيءُ کي (نڪي هڪڙو ٻئي لاءِ فديو ٿي انهيءَ کي بچائي سگهندو) بيشڪ الله جو واعدو سچو آهي (تہ هو نيڪي ڪندڙن کي ڪامران ڪندو ۽ برائي ڪندڙن کي ناڪام ڪندو). تنهن ڪري (خبردار ٿيو) ائين نہ ٿئي جو دنيا جي زندگي (يعني وقتي خوشي يا فائدو) توهان کي ٺڳي (۽ بدعمل ڪرائي) ۽ ائين نہ ٿئي جو دغا باز شيطان (اوهان کي ترت فائدو ڏيکاري) الله (جي فرمانبرداري) بابت برغلائي ڇڏي.

اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ ۚ وَيُنَزِّلُ الْغَيْثَ ۚ وَيَعْلَمُ مَا فِي الْاَرْحَامِ ۭ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌ مَّاذَا تَكْسِبُ غَدًا ۭ وَمَا تَدْرِيْ نَفْسٌۢ بِاَيِّ اَرْضٍ تَمُوْتُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ عَلِيْمٌ خَبِيْرٌ ۝۳۴

(٣٤) اي انسانو برغلائجي نہ وڃو ۽ فقط الله جا ٻانها ٿيو جو سندس ئي فرمانبرداري اوهان کي ڪامران ڪندي. الله کي ئي سيني ڳالهين جو علم آهي) يقيناً الله ئي آهي جنهن کي انهيءَ گهڙيءَ جو علم آهي (جنهن گهڙيءَ قطعي فيصلو ڪندو) اهوئي (برسات جو علم رکي ٿو ۽) مينهن آڻي ٿو. اهوئي ڄاڻي ٿو تہ ماءُ جي پيٽ ۾ ڇا آهي، (پٽ يا ڌيءَ ۽ ڪهڙي قسم جو آهي وغيره) ۽ ڪوبہ شخص نٿو ڄاڻي تہ سڀاڻي هو ڇا ڪندو، (پر خدا ڄاڻي ٿو تہ هو ڇا ڪندو) ۽ ڪوبہ شخص نٿو ڄاڻي تہ ڪهڙي ملڪ ۾ هو مرندو (پر الله تعاليٰ اهو بہ ڄاڻي ٿو) بيشڪ الله تعاليٰ سڀڪجھ ڄاڻندڙ ۽ سڀ خبر رکندڙ آهي، (تنهن ڪري توهان الله جي ڳالهين کي سچو سمجهي انهن تي عمل ڪري پنهنجو حال ۽ مستقبل روشن ڪريو).

## سورة السجده —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

### الله جي خالقيت ۽ انسان جي پيدائش

الٓمّٓ ۝۱

(١) الف — لام — ميم

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ لَا رَيْبَ فِيْهِ مِنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۝۲

(٢) هيءَ ڪتاب (قرآن مجيد) جهانن جي پروردگار وٽان نازل ٿيو آهي. انهيءَ ۾ ذرو بہ شڪ شبهو ڪونهي.

أَمْ يَقُولُونَ افْتَرَاهُ ۚ بَلْ هُوَ الْحَقُّ مِن رَّبِّكَ لِتُنذِرَ قَوْمًا مَّا أَتَاهُم مِّن نَّذِيرٍ مِّن قَبْلِكَ لَعَلَّهُمْ يَهْتَدُونَ ۝٣

(٣) يا ماڻهو چون ٿا ته هن (يعني حضورﷺ) ان (قرآن) کي پاڻ ٺاهيو آهي (۽ چوي ٿو ته الله وٽان آيل آهي) حقيقت هي آهي ته قرآن مجيد حق آهي (حق ٿو بڌائي ۽ غالب پوڻ بعد ثابت ٿيندو ته) بيشڪ اهو حق آهي ۽ تنهنجي پروردگار وٽان آهي. انهيءَ لاءِ نازل ڪيو ويو آهي ته انهيءَ (عرب) قوم جي ماڻهن کي خبردار ڪري جن ڏي هن کان اڳي ڪو به خبردار ڪندڙ (پيغمبر) ڪونه آيو آهي. (هاڻي انهيءَ لاءِ قرآن مجيد نازل ڪيو ويو آهي) ته من هي (عرب) هدايت واري واٽ وٺن.

اللَّهُ الَّذِي خَلَقَ السَّمَاوَاتِ وَالْأَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا فِي سِتَّةِ أَيَّامٍ ثُمَّ اسْتَوَىٰ عَلَى الْعَرْشِ ۖ مَا لَكُم مِّن دُونِهِ مِن وَلِيٍّ وَلَا شَفِيعٍ ۚ أَفَلَا تَتَذَكَّرُونَ ۝٤

(٤) اهو الله ئي آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي تنهن کي زماني جي ڇهن دورن ۾ خلقيو ۽ (جهانداري جي) تخت تي محڪم رهيو (يعني پوءِ به خلقيندو رهي ٿو ۽ پاڻ ئي جهان کي هلائيندو رهي ٿو، سو خبردار ٿيو ۽ ياد رکو ته) اوهان جي لاءِ سواءِ الله جي ٻيو ڪو به سنڀاليندڙ يا سفارشي ڪونهي. ڇا توهان خيال ئي ڪونه ٿا هلايو.

يُدَبِّرُ الْأَمْرَ مِنَ السَّمَاءِ إِلَى الْأَرْضِ ثُمَّ يَعْرُجُ إِلَيْهِ فِي يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهُ أَلْفَ سَنَةٍ مِّمَّا تَعُدُّونَ ۝٥

(٥) آسمان کان زمين تائين هر ڳالهه ۽ هر ڪم جو انتظام الله تعالىٰ ٿو ڪري. پوءِ سڀ معاملا انهيءَ ڏينهن سندس حضور ۾ پيش ٿيندا، جنهن ڏينهن جو مقدار توهان جي حساب ۽ شمار موجب هزار سالن جو هوندو.

ذَٰلِكَ عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيزُ الرَّحِيمُ ۝٦

(٦) اهڙو آهي اهو الله جو لڪل توڙي ظاهر شين جو ڄاڻندڙ آهي، وڏي قدرت ۽ شان وارو آهي ۽ رحم وارو آهي.

الَّذِي أَحْسَنَ كُلَّ شَيْءٍ خَلَقَهُ ۖ وَبَدَأَ خَلْقَ الْإِنسَانِ مِن طِينٍ ۝٧

(٧) جنهن شيءِ کي خلقيائين تنهن کي سهڻو ۽ چڱو بنايائين (توازن سان مناسب ۽ گهربل قوتون عطا ڪيائين) ۽ انسان کي شروعات ۾ (خيس) گپ مان خلقيائين.

ثُمَّ جَعَلَ نَسْلَهُ مِن سُلَالَةٍ مِّن مَّاءٍ مَّهِينٍ ۝٨

(٨) پوءِ ان جو نسل (۽ پيڙهيون) ٻُجان جهڙي پاڻيءَ (منيءَ) مان پيدا ڪندو رهيو جو پاڻي (حقيقت ۾ انسان جي سيني جزن جو) نچوڙ ۽ ست آهي.

ثُمَّ سَوَّاهُ وَنَفَخَ فِيهِ مِن رُّوحِهِ ۖ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ ۚ قَلِيلًا مَّا تَشْكُرُونَ ۝٩

(٩) پوءِ الله تعالىٰ انسان کي چڱي نموني ۾ درست ڪيو (۽ توازن سان عضوا ۽ پنج حواس ڏنائين) ۽ ان انسان ۾ پنهنجي روح مان ڪجهه ڦوڪيائين (يعني عقل علم ۽ ترقيءَ جي طاقت بخشيائين) ۽ اوهان جي لاءِ ڪن (حقيقتن جي ٻڌڻ لاءِ) ۽ اکيون (حقيقتن کي ڏسڻ لاءِ) ۽ دليون (حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ ۽ نيڪ جذبا رکڻ لاءِ) مهيا ڪيائين (پر افسوس) توهان تمام ٿورڙي شڪرگذاري ٿا ڪيو (يعني الله جي انهن نعمتن کي چڱيءَ طرح ڪم ڪونه ٿا آڻيو).

وَقَالُوا أَإِذَا ضَلَلْنَا فِي الْأَرْضِ أَإِنَّا لَفِي

(١٠) ۽ (اهي بي شڪر ماڻهو) چون ٿا ته ڇا جڏهن اسان زمين ۾ ڊڪجي

خَلۡقٍ جَدِيۡدٍ ؕ بَلۡ هُمۡ بِلِقَآئِ رَبِّهِمۡ
كٰفِرُوۡنَ ﴿١٠﴾

گم ٿي ويندا سين تڏهن وري سچ پچ نئين سر پيدا ڪيا وينداسين؟ حقيقت هيءَ آهي ته اهي ماڻهو اها ڳالهه ئي نٿا مڃين ته ڪو (آخر) پنهنجي پروردگار جي اڳيان پيش ڪيا وينداسين.

قُلۡ يَتَوَفّٰىكُمۡ مَّلَكُ الۡمَوۡتِ الَّذِىۡ وُكِّلَ
بِكُمۡ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمۡ تُرۡجَعُوۡنَ ﴿١١﴾ ع

(١١) (اي پيغمبر!) تون ڪين ٻڌاءِ ته موت جو مَلَڪ جو توهان تي مقرر ڪيل آهي، سو توهان جا روح قبض ڪندو. پوءِ توهان پنهنجي پروردگار جي طرف موٽائي آندا ويندؤ.

## رڪوع 3

**بهشت ۽ دوزخ. مومنن جون خصلتون ۽ سندن لاءِ انعام. فاسقن لاءِ عذاب.**

وَلَوۡ تَرٰٓى اِذِ الۡمُجۡرِمُوۡنَ نَاكِسُوۡا
رُءُوۡسِهِمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ ؕ رَبَّنَآ اَبۡصَرۡنَا وَ
سَمِعۡنَا فَارۡجِعۡنَا نَعۡمَلۡ صَالِحًا اِنَّا
مُوۡقِنُوۡنَ ﴿١٢﴾

(١٢) ۽ جيڪڏهن تون (اهو دردناڪ عذاب) ڏسين جڏهن گنهگار پنهنجي پروردگار جي اڳيان پنهنجا ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪندا ته ڪيتري نه عبرت حاصل ڪرين. (انهيءَ مهل آهي گنهار دردناڪ آواز سان پڪاريندا ته) اي اسان جا پروردگار! هاڻي اسان سڀ ڪجهه ڏٺو ۽ ٻڌو آهي (۽ هاڻي سڀ حيقيقتون سمجهون ۽ مڃون ٿا) سو هاڻي اسان کي وري (دنيا ڏي) موٽاءِ ته اسان صالح عمل ڪيون. اسان هاڻي يقين سان (تنهنجي هدايتن کي) مڃيون ٿا. (پر پوءِ اها پشيماني ڪم نه ايندي اها دنيا گذري چڪي).

وَلَوۡ شِئۡنَا لَاٰتَيۡنَا كُلَّ نَفۡسٍ هُدٰٮهَا وَلٰـكِنۡ
حَقَّ الۡقَوۡلُ مِنِّىۡ لَاَمۡلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنَ الۡجِنَّةِ
وَالنَّاسِ اَجۡمَعِيۡنَ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ جيڪڏهن اسان چاهيون ها ته هرهڪ شخص کي سڌي واٽ تي لڳائي ڇڏيون ها (جيئن ملائڪ فرمانبرداريءَ جي واٽ تي لڳايل آهن، پر اسان ائين نه چاهيو اسان انسان کي ٻئي واٽون ڏيکاري اختيار ڏنو ته وٺيئي ته سڌي راهه وٺ ۽ وٺئي ته ڦڏي واٽ وٺي پاڻ کي تباهه ڪر) سو منهنجي هيءَ ڳالهه (بي فرمانن متعلق) سچي ثابت ٿيندي ته ما سپني (بي فرمان) جنن ۽ ماڻهن سان جهنم کي ڀري ڇڏيندس.

فَذُوۡقُوۡا بِمَا نَسِيۡتُمۡ لِقَآءَ يَوۡمِكُمۡ هٰذَا ۚ اِنَّا
نَسِيۡنٰكُمۡ وَذُوۡقُوۡا عَذَابَ الۡخُلۡدِ بِمَا
كُنۡتُمۡ تَعۡمَلُوۡنَ ﴿١٤﴾

(١٤) سو (اي گنهگارؤ) جنهن صورت ۾ توهان پنهنجي هن ڏينهن تي (اسان وٽ جزا ۽ سزا ملڻ لاءِ) حاضر ٿيڻ جي ڳالهه وساري ڇڏي هئي (۽ گناهن ۾ مشغول رهيا هئو) سو هاڻي (عذاب جو) مزو چکو. اسان به توهان کي (ڄاڻي ٻجهي) وساري ٿا ڇڏيون. ۽ توهان جو (پڇاڙيءَ تائين) بدعمل ڪندا رهيو تن جي بدلي ۾ دائمي عذاب جو مزو چکندا رهو.

اِنَّمَا يُؤۡمِنُ بِاٰيٰتِنَا الَّذِيۡنَ اِذَا ذُكِّرُوۡا بِهَا
خَرُّوۡا سُجَّدًا وَّسَبَّحُوۡا بِحَمۡدِ رَبِّهِمۡ وَهُمۡ لَا
يَسۡتَكۡبِرُوۡنَ ﴿١٥﴾ السجدة

(١٥) اسان جي آيتن تي سچو ايمان ته فقط انهن جو آهي جن کي جڏهن اهي آيتون ٻڌايون وڃن ٿيون تڏهن هو سجدي ۾ ڪري پون ٿا ۽ پنهنجي پروردگار جي حمد ۽ ثنا (سان سندن پاڪائي ۽ اعليٰ شان) بيان ڪن ٿا ۽ ڪڏهن به هٺ وڏائي نٿا ڪن.

تَتَجَافٰى جُنُوۡبُهُمۡ عَنِ الۡمَضَاجِعِ يَدۡعُوۡنَ

(١٦) انهن (سچن مؤمنن) جا پاسا آرام جي بسترن کان الڳ ٿي وڃن ٿا.

رَبَّهُمْ خَوْفًا وَّ طَمَعًا ۫ وَّ مِمَّا رَزَقْنٰهُمْ يُنْفِقُوْنَ ﴿١٦﴾

هو پنهنجي پروردگار کي خوف ۽ اميد جي حالت ۾ پڪاريندا رهن ٿا ۽ جيڪو رزق (عقل حڪمت وغيره) اسان کين ڏنو آهي تنهن کي (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪندا رهن ٿا.

فَلَا تَعْلَمُ نَفْسٌ مَّآ اُخْفِيَ لَهُمْ مِّنْ قُرَّةِ اَعْيُنٍ ۚ جَزَآءًۢ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٧﴾

(١٧) ڪنهن به شخص کي خبر ناهي ته اسان (نيڪ) ماڻهن لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اکين جا ٺار (۽ خوشي ڏيندڙ نعمتون) لڪائي تيار رکيون آهن. اهو آهي بدلو هنن جي (نيڪ) عملن جو جي هو ڪندا رهن ٿا.

اَفَمَنْ كَانَ مُؤْمِنًا كَمَنْ كَانَ فَاسِقًا ۭ لَا يَسْتَوٗنَ ﴿١٨﴾

(١٨) پوءِ ڇا مؤمن به اهڙوئي آهي جهڙو ڪو فاسق (نافرمان ۽ گنهگار) آهي؟ (هرگز نه) هو ڪنهن به صورت ۾ برابر ناهن.

اَمَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ جَنّٰتُ الْمَاْوٰى ۡ نُزُلًۢا بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٩﴾

(١٩) سو جيڪي ماڻهو سچو ايمان رکن ٿا ۽ نيڪ عمل به ڪن ٿا تن جي رهڻ لاءِ (عاليشان) باغ هوندا، جيڪي نيڪ عمل هو ڪندا رهيا هئا تن جي بدلي ۾ اها ئي مهماني کين نصيب ٿيندي (جو هو الله جي باغن ۾ الله جا مهمان ٿي رهندا.)

وَاَمَّا الَّذِيْنَ فَسَقُوْا فَمَاْوٰىهُمُ النَّارُ ۭ كُلَّمَآ اَرَادُوْٓا اَنْ يَّخْرُجُوْا مِنْهَآ اُعِيْدُوْا فِيْهَا وَقِيْلَ لَهُمْ ذُوْقُوْا عَذَابَ النَّارِ الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ جن ماڻهن خدا جي نافرماني ڪئي تن جي رهڻ جي جاءِ هوندي (سخت عذاب واري) باهه. جڏهن جڏهن هو ان مان نڪرڻ جو ارادو ڪندا تڏهن هنن کي (زور سان) ان باهه ۾ موٽايو ويندو ۽ کين چيو ويندو ته انهيءَ باهه جي عذاب جو مزو چکو. جنهن کي توهان ڪوڙ مڃيندا هئو (۽ چوندا هئو ته نڪا قيامت ٿيندي نڪو اسان کي ڪو عذاب ملندو).

وَلَنُذِيْقَنَّهُمْ مِّنَ الْعَذَابِ الْاَدْنٰى دُوْنَ الْعَذَابِ الْاَكْبَرِ لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ اسان هنن (فاسقن) کي (قيامت جي) وڏي عذاب کان اڳي هن ئي (دنيا جي) زندگيءَ جا عذاب ضرور چکائيندا سين انهيءَ لاءِ ته من هو (پشيمان ٿي خدا ڏي ۽ سڌي واٽ ڏي) موٽن.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ ذُكِّرَ بِاٰيٰتِ رَبِّهٖ ثُمَّ اَعْرَضَ عَنْهَا ۭ اِنَّا مِنَ الْمُجْرِمِيْنَ مُنْتَقِمُوْنَ ﴿٢٢﴾ ع

(٢٢) جنهن ماڻهو کي سندس پروردگار جون آيتون ٻڌايون وڃن ۽ پوءِ به هو منهن موڙي وڃي (۽ بدعمل ڪري) تنهن کان وڌيڪ ظالم (۽ گنهگار) ڪير ٿي ٿو سگهي؟ يقيناً اسان اهڙن گنهگارن کي (سندن بدعملن جو) پورو پورو بدلو ڏينداسين.

ڪوع 3

**اڳين قومن جي تاريخ کان عبرت وٺڻ.**

وَلَقَدْ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ فَلَا تَكُنْ فِيْ مِرْيَةٍ مِّنْ لِّقَآئِهٖ وَجَعَلْنٰهُ هُدًى لِّبَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿٢٣﴾ ج

(٢٣) ۽ هيءَ حقيقت آهي ته اسان حضرت موسىٰ کي به (شريعت جو) ڪتاب ڏنو هو، سو تون به (اي پيغمبر!) اهڙي ڪتاب جي ملڻ بابت ڪو به شڪ نه آڻ (يعني تو کي به قاعدا قانون ٻڌايا ويندا) ۽ اسان انهيءَ ڪتاب کي بني اسرائيلن جي لاءِ سڌي واٽ ڏيکاريندڙ ڪيو هو.

وَجَعَلْنَا مِنْهُمْ أَئِمَّةً يَهْدُونَ بِأَمْرِنَا لَمَّا صَبَرُوا ۖ وَكَانُوا بِآيَاتِنَا يُوقِنُونَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ اسان انهن (بني اسرائيلن) ۾ گھڻائي امام يعني ليڊر پيدا ڪيا جيڪي اسان جي حڪمن موجب (بني اسرائيلن ڪي) هدايت ڪندا رهيا، جيستائين ڪ هو صابر ۽ ثابت قدم رهيا ۽ اسان جي آيتن (يعني نشانين ۽ حڪمن) تي يقين رکندا هئا (پوءِ هو فرقا ٺاهي اختلاف ڪري ذليل ۽ تباهه ٿي ويا.)

إِنَّ رَبَّكَ هُوَ يَفْصِلُ بَيْنَهُمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ فِيمَا كَانُوا فِيهِ يَخْتَلِفُونَ ﴿٢٥﴾

(٢٥) يقيناً تنهنجو پروردگار ئي آهي جو هنن جي وچ ۾ قيامت جي ڏينهن انهن ڳالهين متعلق فيصلو ڏيندو جن جي باري ۾ هو اختلاف ڪري رهيا آهن.

أَوَلَمْ يَهْدِ لَهُمْ كَمْ أَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِنَ الْقُرُونِ يَمْشُونَ فِي مَسَاكِنِهِمْ ۚ إِنَّ فِي ذَٰلِكَ لَآيَاتٍ ۖ أَفَلَا يَسْمَعُونَ ﴿٢٦﴾

(٢٦) ڇا هي ڳالهه هنن کي هدايت نٿي ڪري سگھي ته ڪانئن اڳي اسان ڪيترين قومون (سندن بدعملن جي ڪري) تباهه ڪري ڇڏيون؟ هي ماڻهو انهن قومن جي پراڻن گھرن ۾ گھمن ڦرن به ٿا (ته به ڏسن نٿا) انهيءَ ۾ بيشڪ وڏيون نشانيون آهن. پوءِ هو ٻڌن ئي نٿا ڇا؟

أَوَلَمْ يَرَوْا أَنَّا نَسُوقُ الْمَاءَ إِلَى الْأَرْضِ الْجُرُزِ فَنُخْرِجُ بِهِ زَرْعًا تَأْكُلُ مِنْهُ أَنْعَامُهُمْ وَأَنْفُسُهُمْ ۖ أَفَلَا يُبْصِرُونَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) هو نٿا ڏسن ڇا ته اسان خشڪ زمين تي مينهن موڪليون ٿا ۽ ان جي وسيلي پوکون پيدا ڪيون ٿا جن تي سندن ڍڳا ڍور ۽ اهي پاڻ گذران ڪن ٿا، ڇا هو غور سان نه ٿا ڏسن؟

وَيَقُولُونَ مَتَىٰ هَٰذَا الْفَتْحُ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) ۽ هو چون ٿا ته جيڪڏهن توهان (مسلمان) سچا آهيو ته ٻڌايو ته اهو فيصلي جو ڏينهن ڪڏهن اچڻو آهي.

قُلْ يَوْمَ الْفَتْحِ لَا يَنْفَعُ الَّذِينَ كَفَرُوا إِيمَانُهُمْ وَلَا هُمْ يُنْظَرُونَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) (اي پيغمبر!) تون کين ٻڌائي ڇڏ ته (توهان جو انهيءَ ڏينهن لاءِ ترسيا ويٺا آهيو ته جيڪڏهن ايندو ته پوءِ ايمان آڻيندا‌سين سو ياد رکو ته) انهيءَ فيصلي واري ڏينهن سندن (بعد ۾ آندل) ايمان فائدو ڪونه ڏيندو. انهن کي جي (ان فيصلي جي ڏينهن تائين) ڪفر جي واٽ تي رهندا، نڪي کين پوءِ مهلت ڏني ويندي.

فَأَعْرِضْ عَنْهُمْ وَانْتَظِرْ إِنَّهُمْ مُنْتَظِرُونَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) سو تون انهن کي ڇڏي ڏي ۽ ترس. هو به ترسيا ويٺا آهن. (پاڻهي ڏسندا ته توهان غالب رهندو ۽ هو مغلوب ٿي ويندا).

**سورة الاحزاب (احزاب معنيٰ لڙائي ۾ شريڪ يا لشڪر) مدني**

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي

رڪوع 1

**الله تعاليٰ تنهنجو ڪارساز آهي، تون مٿس ڀروسو رکي حق تي قائم رهه.**

يَا أَيُّهَا النَّبِيُّ اتَّقِ اللَّهَ وَلَا تُطِعِ الْكَافِرِينَ وَ

(١) اي نبي! تون فقط خدا کان ڊڄ. (ڪافرن ۽ منافقن کان بلڪل نه ڊڄ.) ۽ ڪافرن ۽ منافقين جي (غلط) ڳالهين تي نه لڳ (تون الله جي ڳالهين ۽

الْمُنٰفِقِيْنَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ۙ﴿۱﴾

حڪمن جي پيروي ڪندو رهه، ڇو ته) يقيناً الله تعاليٰ سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ آهي ۽ وڏي حڪمت وارو آهي (تنهن ڪري سندس ئي حڪمن تي هلڻ ۾ چڱائي آهي).

وَّ اتَّبِعْ مَا يُوْحٰٓى اِلَيْكَ مِنْ رَّبِّكَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرًا ۙ﴿۲﴾

(٢) ۽ جيڪو وحي تنهنجي پروردگار وٽان توڏي موڪليو وڃي ٿو تنهن جي پيروي ڪندو رهه. يقيناً الله تعاليٰ اوهان جي سڀني عملن جي خبر رکندڙ آهي.

وَّ تَوَكَّلْ عَلَى اللّٰهِ ؕ وَ كَفٰى بِاللّٰهِ وَكِيْلًا ﴿۳﴾

(٣) ۽ (اي پيغمبر!) خدا تي ڀروسو رک جو الله ئي ڪافي ڪارساز آهي.

مَا جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِّنْ قَلْبَيْنِ فِيْ جَوْفِهٖ ۚ وَ مَا جَعَلَ اَزْوَاجَكُمُ الّٰٓـِٔيْ تُظٰهِرُوْنَ مِنْهُنَّ اُمَّهٰتِكُمْ ۚ وَ مَا جَعَلَ اَدْعِيَآءَكُمْ اَبْنَآءَكُمْ ؕ ذٰلِكُمْ قَوْلُكُمْ بِاَفْوَاهِكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ يَقُوْلُ الْحَقَّ وَ هُوَ يَهْدِي السَّبِيْلَ ﴿۴﴾

(٤) الله تعاليٰ ڪنهن به ماڻهوءَ جي سيني ۾ ٻه دليون ڪونه رکيون اهن، نڪي الله تعاليٰ توهان جي زالن کي جن سان توهان اظهار ٿا ڪيو توهان جون مائر بنائي ڇڏيو آهي، نڪي انهن کي اوهان جو پٽ بنايو اٿس جن کي توها پٽ ڪري نپايو آهي (يا ڏيئرن جو پٽ يا گود جو پٽ ڪري سڏيو آهي) اهي توهان جي وات جون (بي معنيٰ) ڳالهيون آهن. پر الله تعاليٰ سچي حقيقت ٿو ٻڌائي ۽ هو سڌو سنئون رستو ٿو ڏيکاري.

اُدْعُوْهُمْ لِاٰبَآئِهِمْ هُوَ اَقْسَطُ عِنْدَ اللّٰهِ ۚ فَاِنْ لَّمْ تَعْلَمُوْٓا اٰبَآءَهُمْ فَاِخْوَانُكُمْ فِي الدِّيْنِ وَ مَوَالِيْكُمْ ؕ وَ لَيْسَ عَلَيْكُمْ جُنَاحٌ فِيْمَآ اَخْطَاْتُمْ بِهٖ ۙ وَ لٰكِنْ مَّا تَعَمَّدَتْ قُلُوْبُكُمْ ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ﴿۵﴾

(٥) انهن (دين جي ڀائرن يا پٽن کي يا ڀانهن) کي سندن پيءُ جي نالن سان سڏيو. اها ڳالهه الله وٽ زياده انصاف واري آهي. پر جيڪڏهن توهان کي سندن ابن جا نالا معلوم نه هجن ته پوءِ هو توهان جا دين جا ڀائر ۽ دوست آهن. پر جيڪڏهن ان ڳالهه ۾ اوهان کان ڀل چڪ ٿي وڃي ته پوءِ اوهان تي ڪوبه ڏوهه ڪونهي، پر گناهه هن ۾ آهي جو توهان دل جي ارادي سان ائين ڪيو ۽ (ڀل چڪ جي حالت ۾) الله تعاليٰ وڏو بخشڻهار ۽ رحم ڪندڙ آهي.

اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَ اَزْوَاجُهٗٓ اُمَّهٰتُهُمْ ؕ وَ اُولُوا الْاَرْحَامِ بَعْضُهُمْ اَوْلٰى بِبَعْضٍ فِيْ كِتٰبِ اللّٰهِ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُهٰجِرِيْنَ اِلَّآ اَنْ تَفْعَلُوْٓا اِلٰٓى اَوْلِيٰٓـئِكُمْ مَّعْرُوْفًا ؕ كَانَ ذٰلِكَ فِي الْكِتٰبِ مَسْطُوْرًا ﴿۶﴾

(٦) مسلمانن جي لاءِ حضرت نبيﷺ سندن جانين کان به وڌيڪ ويجهو آهي، ۽ سندس حرم مبارڪ (يعني زالون) مؤمنن جون مائرون آهن. ۽ الله جي ڪتاب موجب سڄا ڀچا مائٽ هڪٻئي لاءِ وڌيڪ ويجها آهن ٻين مؤمن ڀائرن کان يا مهاجر ڀائرن کان. (يعني فوتيءَ جو ترڪو سڄڻ مائٽن کي ملڻ گهرجي) پر جيڪڏهن پنهنجي دوستن سان چڱائي ڪيو ته ڀلي ڪيو (اها ٻي ڳالهه آهي) (خدا جي) ڪتاب ۾ لکي ويئي آهي.

وَ اِذْ اَخَذْنَا مِنَ النَّبِيّٖنَ مِيْثَاقَهُمْ وَ مِنْكَ وَ مِنْ نُّوْحٍ وَّ اِبْرٰهِيْمَ وَ مُوْسٰى وَ عِيْسَى ابْنِ مَرْيَمَ ۪ وَ اَخَذْنَا مِنْهُمْ مِّيْثَاقًا غَلِيْظًا ۙ﴿۷﴾

(٧) ۽ ياد رکو ته اسان نبين کان عهد اقرار ورتو هو ۽ (اي پيغمبر!) توکان به عهد اقرار ورتو اٿئون ۽ نوح کان، ابراهيم کان، موسيٰ ۽ عيسيٰ ابن مريم کان به ورتو هيوسين. انهن سڀني کان پڪو عهد اقرار ورتو هيوسين (ته رسالت ۽ تبليغ وغيره جو ڪم پوري ثابت قدميءَ سان ڪندا رهندؤ).

لِّيَسْـَٔلَ الصّٰدِقِيْنَ عَنْ صِدْقِهِمْ ۚ وَاَعَدَّ لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٨﴾

(٨) انهيءَ لاءِ ته الله تعاليٰ سچن (پيغمبر) کان (قيامت جي ڏينهن) انهيءَ سچ (جي پيغام) بابت پڇي (ته ڪهڙيءَ طرح خدا جا حڪم پهچائون ۽ ماڻهن ڪهڙيءَ طرح انهن تي عمل ڪيو) ۽ (جن نه مڃيو تن) ڪافرن لاءِ الله تعاليٰ سخت عذاب تيار رکيو آهي.

رکوع 2

**جنگ احزاب/ خندق وقت منافقن جي روش ۽ خيال.**

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوْا نِعْمَةَ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اِذْ جَآءَتْكُمْ جُنُوْدٌ فَاَرْسَلْنَا عَلَيْهِمْ رِيْحًا وَّجُنُوْدًا لَّمْ تَرَوْهَا ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرًا ۚ﴿٩﴾

(٩) اي مومنؤ! الله جي اوهان تي اها نعمت ۽ احسان ياد ڪيو جو جڏهن اوهان تي لشڪرن جا لشڪر چڙهائي ڪري آيا تڏهن اسان انهن (اوهان جي دشمنن) جي مٿان هڪڙو طوفان موڪليو ۽ اهڙا (پنهنجا) لشڪر (توهان جي مدد لاءِ) موڪلياسين جي توهان کي ڏسڻ ۾ ڪونه ٿي آيا. ۽ الله تعاليٰ سڀ ڪجهه چٽيءَ طرح ڏسي ٿو. جيڪي جيڪي عمل توهان ڪيو ٿا سي چڱيءَ طرح ڏسي ٿو.

اِذْ جَآءُوْكُمْ مِّنْ فَوْقِكُمْ وَمِنْ اَسْفَلَ مِنْكُمْ وَاِذْ زَاغَتِ الْاَبْصَارُ وَبَلَغَتِ الْقُلُوْبُ الْحَنَاجِرَ وَتَظُنُّوْنَ بِاللّٰهِ الظُّنُوْنَا ﴿١٠﴾

(١٠) ياد رکو ته اهي (دشمن) توهان جي مٿئين طرف کان ۽ توهان جي هيٺئين طرف کان (جبلن تان ۽ هيٺاهين ماٿرين مان) توهان تي حملو ڪري آيا ۽ هراس ۾ (اوهان جون) اکيون ڦاٽي ويون ۽ دليون نڙيءَ ڏي چڙهي آيون ۽ توهان الله جي باري ۾ (اجايا) خيال ڪرڻ لڳؤ.

هُنَالِكَ ابْتُلِيَ الْمُؤْمِنُوْنَ وَزُلْزِلُوْا زِلْزَالًا شَدِيْدًا ﴿١١﴾

(١١) انهيءَ موقعي ۽ حالت ۾ مؤمن وڏي آزمائش هيٺ اچي ويا ۽ سخت زلزلي ۾ وڌا ويا. (پر هو دلير ٿي ثابت قدم رهيا).

وَاِذْ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَالَّذِيْنَ فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ مَّا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗۤ اِلَّا غُرُوْرًا ﴿١٢﴾

(١٢) ۽ ڏسو، منافق ۽ اهي ماڻهو جن جي دلين ۾ (ايمان جي ڪمزوري ۽ بي همتيءَ جو) مرض آهي سي چوڻ لڳا ته، الله ۽ الله جو رسول جيڪي واعدا (ڪاميابيءَ ۽ غلبي جا) اسان کي ڏنا هئا سي فقط ٺڳي فريب ۽ دوکا هئا. (اسان هاڻي فنا ٿي ويندا سين).

وَاِذْ قَالَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْهُمْ يٰۤاَهْلَ يَثْرِبَ لَا مُقَامَ لَكُمْ فَارْجِعُوْا ۚ وَيَسْتَاْذِنُ فَرِيْقٌ مِّنْهُمُ النَّبِيَّ يَقُوْلُوْنَ اِنَّ بُيُوْتَنَا عَوْرَةٌ ؕ وَمَا هِيَ بِعَوْرَةٍ ۚ اِنْ يُّرِيْدُوْنَ اِلَّا فِرَارًا ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ انهن مان هڪڙي ٽوليءَ ته چئي ڏنو ته اي مديني جا رهواسيؤ! توهان (حملي ڪندڙن جي مقابلي ۾) بيهي به ڪونه سگهندؤ، سو موٽو پوئتي ۽ انهن مان هڪڙي ٽولي نبي(ﷺ) کان (گهرن ڏي وڃڻ جي) موڪل ٿي گهري ۽ چيو ٿي ته، يقيناً اسان جا گهر محفوظ ناهن (۽ سخت خطري ۾ آهن) اگرچه اهي گهر غير محفوظ نه هئا. انهن جو ارادو فقط ڀڄي وڃڻ جو هو.

وَلَوْ دُخِلَتْ عَلَيْهِمْ مِّنْ اَقْطَارِهَا ثُمَّ سُئِلُوا الْفِتْنَةَ لَاٰتَوْهَا وَمَا تَلَبَّثُوْا بِهَاۤ اِلَّا يَسِيْرًا ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ جيڪڏهن دشمن شهر جي ڪن طرفن کان شهر ۾ گهڙي پون ها ۽ انهن (منافقن ۽ ضعيف دل ماڻهن) کي چيو وڃي ها ته (حضرت جن جي خلاف) بغاوت ڪيو ته، بغاوت ڪري ڏين ها ۽ انهيءَ بغاوت ڪرڻ ۾ ڪا ٿوري دير ڪن ها؟

وَ لَقَدْ كَانُوْا عَاهَدُوا اللّٰهَ مِنْ قَبْلُ لَا يُوَلُّوْنَ الْاَدْبَارَ ؕ وَ كَانَ عَهْدُ اللّٰهِ مَسْـُٔوْلًا ﴿۱۵﴾

(١٥) حالانڪ هنن اڳي الله کي (يعني سندس رسول کي) عهد اقرار ڏنو هو تہ اسان (اهڙن موقعن تي هرگز) پٺيون ڏيئي پڇي ڪونہ وينداسين. (ڪين ياد رکڻ گهربو هو تہ) الله سان ڪيل عهد اقرار بابت ضرور ڪائنڻ باز پرس ٿيندي (يعني ڪائنڻ پڇاڻو ٿيندو ۽ عهد ڀڃڻ ڪري ڪين سخت سزا ملندي).

قُلْ لَّنْ يَّنْفَعَكُمُ الْفِرَارُ اِنْ فَرَرْتُمْ مِّنَ الْمَوْتِ اَوِ الْقَتْلِ وَ اِذًا لَّا تُمَتَّعُوْنَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۱۶﴾

(١٦) (اي پيغمبر! انهن ماڻهن کي) چئي ڏي تہ جيڪڏهن توهان موت يا قتل کان ڀڄو تہ اهو ڀڄڻ توهان کي ڪجهہ بہ فائدو نہ ڏيندو. (يا دشمن اوهان کي قتل ڪندا يا پنهنجي ڌر بغاوت جي بدلي ۾ اوهان کي قتل ڪندي) ۽ (جيڪڏهن ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب بہ ٿيو تہ بہ) ڪو ٿورو وقت سلامتيءَ جو ماڻيندؤ (جلدئي سزا ۽ موت اوهان جي مٿان اچي ڪڙڪندو).

قُلْ مَنْ ذَا الَّذِيْ يَعْصِمُكُمْ مِّنَ اللّٰهِ اِنْ اَرَادَ بِكُمْ سُوْٓءًا اَوْ اَرَادَ بِكُمْ رَحْمَةً ؕ وَ لَا يَجِدُوْنَ لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَلِيًّا وَّ لَا نَصِيْرًا ﴿۱۷﴾

(١٧) (اي پيغمبر! تون ڪين) چئو تہ ڪير آهي جو توهان کي الله تعاليٰ کان بچائي سگهندو، جيڪڏهن هو اوهان کي سزا ۽ عذاب ڏيڻ چاهي. ۽ جيڪڏهن هو اوهان تي رحمت ڪرڻ چاهي (تہ ڪير انهيءَ رحمت کي هٽائي ٿو سگهي) انهن ماڻهن کي الله کان سواءِ ڪو بہ بچائيندڙ ۽ مددگار نہ لڀندو.

قَدْ يَعْلَمُ اللّٰهُ الْمُعَوِّقِيْنَ مِنْكُمْ وَ الْقَآئِلِيْنَ لِاِخْوَانِهِمْ هَلُمَّ اِلَيْنَا ۚ وَ لَا يَاْتُوْنَ الْبَاْسَ اِلَّا قَلِيْلًا ۙ﴿۱۸﴾

(١٨) الله تعاليٰ اوهان مان انهن ماڻهن کي چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو جيڪي (ٻين کي لڙائي ڪرڻ کان) روڪين ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان ڏي هليا اچو ۽ لڙائي ۾ شريڪ نٿا ٿين، پر ڪو ٿورو وقت.

اَشِحَّةً عَلَيْكُمْ ۚۖ فَاِذَا جَآءَ الْخَوْفُ رَاَيْتَهُمْ يَنْظُرُوْنَ اِلَيْكَ تَدُوْرُ اَعْيُنُهُمْ كَالَّذِيْ يُغْشٰى عَلَيْهِ مِنَ الْمَوْتِ ۚ فَاِذَا ذَهَبَ الْخَوْفُ سَلَقُوْكُمْ بِاَلْسِنَةٍ حِدَادٍ اَشِحَّةً عَلَى الْخَيْرِ ؕ اُولٰٓئِكَ لَمْ يُؤْمِنُوْا فَاَحْبَطَ اللّٰهُ اَعْمَالَهُمْ ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيْرًا ﴿۱۹﴾

(١٩) اهي (دولت جا لالچي) اوهان مسلمانن جي حق ۾ بخيل آهن (جو اوهان کي مناسب مدد نٿا ڏين. اٿلندو فتح جي وقت غنيمت جو مال گهڻو ٿا گهرن) سو جڏهن خوف خطري جو موقعو ٿو اچي تڏهن تون (اي پيغمبر!) ڏسين ٿو تہ هو توڏي اهڙيءَ طرح ٿا نهارين جو سندن اکيون انهيءَ ماڻهو جي اکين وانگر ٿيون ڦرن جنهن ماڻهو کي سڪرات جي غشي اچي ويندي آهي، پر جڏهن خوف خطري جي حالت هلي ٿي وڃي تڏهن هو (غنيمت جي) مال جي حرص ۾ تيز زبانن سان تو کي طعنا ڏيڻ لڳن ٿا. انهن ماڻهن کي (دل ۾ سچو) ايمان ڪونهي، الله تعاليٰ سندن عمل ضايع ڪري ڇڏيا آهن ۽ ائين ڪرڻ الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل آسان آهي.

يَحْسَبُوْنَ الْاَحْزَابَ لَمْ يَذْهَبُوْا ۚ وَ اِنْ يَّاْتِ الْاَحْزَابُ يَوَدُّوْا لَوْ اَنَّهُمْ بَادُوْنَ فِي

(٢٠) اهي ماڻهو سمجهن ٿا تہ (دشمن جا) لشڪر هليا ڪونہ ويا آهن (يا هراس جي ڪري ٿا ائين سمجهن يا سندن دليون چاهين ٿيون تہ وري اچي حملو ڪن ۽ مسلمانن کي مغلوب ڪن) ۽ جيڪڏهن اهي لشڪر وري

الْاَعْرَابِ يَسْاَلُوْنَ عَنْ اَنْۢبَآئِكُمْ ؕ وَلَوْ كَانُوْا فِيْكُمْ مَّا قٰتَلُوْٓا اِلَّا قَلِيْلًا ﴿۲۰﴾

اچي نڪرن ته هو دل و جان سان چاهيندا ته جيڪر بدوين جي بيابانن ۾ هليا وڃن ۽ اتان اوهان جي حالتن بابت پڇا ڳاڇا ڪندا رهن ۽ جيڪڏهن هو اوهان وٽ هوندا ته لڙائي ڪونه ڪندا. جي ڪندا ته بلڪل ٿورڙي.

رڪوع 3

**مومنن لاءِ خطري جي وقت ۾ الله تعاليٰ جي مدد ڪافي آهي.**

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ وَذَكَرَ اللّٰهَ كَثِيْرًا ؕ﴿۲۱﴾

(٢١) (مسلمانو!) توهانجي لاءِ يعني انهن ماڻهن لاءِ جيڪي الله ۾ ۽ آخرت جي ڏينهن ۾ (يا دنيا ۾ ئي ايندڙ وقت جي ڪاميابيءَ جون) اميدون رکن ٿا ۽ الله تعاليٰ کي گهڻو ياد ڪن ٿا تن جي لاءِ الله جي رسول ۾ سهڻي ۾ سهڻو ۽ چڱي ۾ چڱو نمونو (۽ مثال) موجود آهي.

وَلَمَّا رَاَ الْمُؤْمِنُوْنَ الْاَحْزَابَ ۙ قَالُوْا هٰذَا مَا وَعَدَنَا اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ وَصَدَقَ اللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗ ۫ وَمَا زَادَهُمْ اِلَّآ اِيْمَانًا وَّتَسْلِيْمًا ؕ﴿۲۲﴾

(٢٢) ۽ جڏهن مسلمانن (دشمنن جي) لشڪرن کي (مديني تي حملي ڪندي) ڏٺو، تڏهن (بي ڌڙڪ) چئي ڏنائون ته هي ته اهوئي (موقعو) آهي جنهن جو الله ۽ سندس رسول اسان سان واعدو ڪيو هو (۽ ٻڌايو هو ته مؤمنن تي وڏا خطرا ايندا ۽ سندس ايمان جي آزمائش ٿيندو) ۽ الله ۽ سندس رسول سچ چيو هو. (سو هن خطرناڪ موقعي ڪين بي همت ته ڪونه ڪيو پر اٽلندو) هنن کي ايمان ۾ ۽ تابعداريءَ ۾ وڌايائين.

مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ رِجَالٌ صَدَقُوْا مَا عَاهَدُوا اللّٰهَ عَلَيْهِ ۚ فَمِنْهُمْ مَّنْ قَضٰى نَحْبَهٗ وَمِنْهُمْ مَّنْ يَّنْتَظِرُ ۖ وَمَا بَدَّلُوْا تَبْدِيْلًا ۙ﴿۲۳﴾

(٢٣) مؤمنن ۾ ڪي مرد اهڙا آهن جن (انهيءَ خطرناڪ موقعي تي) اهو عهد اقرار سچو ڪري ڏيکاريو جو الله سان ڪيو هئائون، (يعني مال ملڪيت ۽ جانين سان جهاد ڪيائون) سو انهن مان ڪن پنهنجو نذر پورو ڪيو (۽ شهادت حاصل ڪيائون) ۽ ڪي (شهادت لاءِ) منتظر آهن ۽ سندن (روش ۽ ايمان ۾) تر جيتري بہ تبديلي ڪانہ ٿي آهي (يعني ايمان ۾ ۽ خطرن کي منهن ڏيڻ ۾ اڳيئن کان بہ اڳرا آهن.)

لِّيَجْزِيَ اللّٰهُ الصّٰدِقِيْنَ بِصِدْقِهِمْ وَيُعَذِّبَ الْمُنٰفِقِيْنَ اِنْ شَآءَ اَوْ يَتُوْبَ عَلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا ۚ﴿۲۴﴾

(٢٤) اهو سڀ هن لاءِ ٿيو تہ الله تعاليٰ سچن کي سندن سچ لاءِ عيوضو ۽ انعام ڏئي ۽ منافقن کي سزا ڏئي، جيڪڏهن چاهي يا مٿن (رحمت جي) موٽ ڪري (جيڪڏهن هو ڪفر ۽ منافقي ڇڏي خدا ڏي موٽن). بيشڪ الله تعاليٰ بخشيندڙ ۽ رحم ڪندڙ آهي.

وَرَدَّ اللّٰهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِغَيْظِهِمْ لَمْ يَنَالُوْا خَيْرًا ؕ وَكَفَى اللّٰهُ الْمُؤْمِنِيْنَ الْقِتَالَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ قَوِيًّا عَزِيْزًا ۚ﴿۲۵﴾

(٢٥) الله تعاليٰ ڪافرن کي موٽائي ڀڄائي ڇڏيو اگرچ هو وڏي غصي ۽ غضب ۾ ڀرجي (مديني تي حملو ڪري) آيا هئا، هنن کي ڪابہ چڱائي حاصل ڪانہ ٿي ۽ مؤمنن لاءِ لڙائيءَ ۾ الله تعاليٰ (جو سهارو) ڪافي آهي ۽ الله تعاليٰ وڏي قوت وارو آهي ۽ سڀ ڪجهہ ڪري ٿو سگهي.

وَاَنْزَلَ الَّذِيْنَ ظَاهَرُوْهُمْ مِّنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ صَيَاصِيْهِمْ وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ

(٢٦) ۽ جن اهل ڪتاب (بني قريظ قبيلي جي يهودين) هنن جي (يعني دشمنن جي لشڪرن جي انهيءَ موقعي تي) مدد ڪئي هئي تن کي الله

فَرِيۡقًا تَقۡتُلُوۡنَ وَ تَاۡسِرُوۡنَ فَرِيۡقًا ﴿٢٦﴾ۚ

تعاليٰ سندن قلعن مان هيٺ لاهي آندو ۽ سندن دلين ۾ (اوهان جو) رعب ۽ ڌاڪو وڌائين. انهن مان ڪن کي توهان قتل ڪري ڇڏيو ۽ ڪن کي قيدي (يا غلام) ڪيو.

وَ اَوۡرَثَكُمۡ اَرۡضَهُمۡ وَ دِيَارَهُمۡ وَ اَمۡوَالَهُمۡ وَ اَرۡضًا لَّمۡ تَطَـُٔوۡهَا ؕ وَ كَانَ اللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ قَدِيۡرًا ﴿٢٧﴾ ع

(٢٧) ۽ الله تعاليٰ اوهان (مسلمانن) کي سندن زمينن، گهرن ۽ مال ملڪيت جو وارث ڪيو ۽ پڻ انهيءَ زمين جو مالڪ ڪيو، جنهن ۾ اجا توهان قدم ڪونہ رکيو هو ۽ الله تعاليٰ هر چيز تي قادر ۽ قدير آهي.

رڪوع 4

**اهل و عيال جي باري ۾ قرآن جون هدايتون.**

يٰۤاَيُّهَا النَّبِىُّ قُلْ لِّاَزۡوَاجِكَ اِنۡ كُنۡتُنَّ تُرِدۡنَ الۡحَيٰوةَ الدُّنۡيَا وَ زِيۡنَتَهَا فَتَعَالَيۡنَ اُمَتِّعۡكُنَّ وَ اُسَرِّحۡكُنَّ سَرَاحًا جَمِيۡلًا ﴿٢٨﴾

(٢٨) اي نبي (سڳورا) پنهنجي زالن (مبارڪن) کي چئو تہ جيڪڏهن توهان هن دنيا جي زندگي (جون سهوليتون ۽ آسودگيون) ۽ ان جي زينت (چڱا ڪپڙا چڱيون جايون وغيره) ٿيون چاهيو تہ اچو تہ مان توهان کي (اهڙيءَ زندگيءَ لاءِ گهربل) مال متاع ڏيان ۽ سهٽي نموني سان اوهان کي موڪل ڏئي ڇڏيان (يعني پوءِ مون وٽ منهنجون زالون ٿي نہ رهنديون).

وَ اِنۡ كُنۡتُنَّ تُرِدۡنَ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ وَ الدَّارَ الۡاٰخِرَةَ فَاِنَّ اللّٰهَ اَعَدَّ لِلۡمُحۡسِنٰتِ مِنۡكُنَّ اَجۡرًا عَظِيۡمًا ﴿٢٩﴾

(٢٩) پر جيڪڏهن توهان الله ۽ سندس رسول (جو راضپو) ۽ آخرت جو گهر (يعني جنت) ٿيون چاهيو تہ پوءِ توهان مان جيڪي نيڪ ڪم ڪندڙ آهن تن لاءِ الله تعاليٰ تمام وڏو اجر تيار ڪري رکيو آهي. (ٻين کان وڌ اجر هن ڪري جو تنگ گذران هوندي بہ تبليغ اصلاح ۽ مسڪينن جي مددگاري جو ڪم جاري رکيائون).

يٰنِسَآءَ النَّبِىِّ مَنۡ يَّاۡتِ مِنۡكُنَّ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ يُّضٰعَفۡ لَهَا الۡعَذَابُ ضِعۡفَيۡنِ ؕ وَ كَانَ ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرًا ﴿٣٠﴾

(٣٠) اي نبي (سڳوري) جون بيبيون! توهان مان ڪا بہ جيڪڏهن ڪو بہ چٽوپٽو فاحش ڪم ڪندي تہ ڪيس (ٻين عورتن کان) ٻيڻو عذاب ملندو (چو تہ ايڏي جوابداري واري پوزيشن جي ماڻهوءَ لاءِ ناروا ڪم ڪرڻ وڏيڪ نامناسب آهي) ۽ ائين ڪرڻ (يعني ٻيڻو عذاب ڏيڻ) الله تعاليٰ جي لاءِ بلڪل آسان آهي.